روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اڱارو 13 جون 2023ع بمطابق 23 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 19

ملڪ هن وقت مالي مشڪلاتن جو شڪار آهي: چيف جسٽس

زر مبادلہ بهتر بنائڻ لاءِ پئسا بيروني ملڪ ۾ پئسو پيو آهي، اهو ملڪ ۾ رکڻ حڪومت جي مجبورين کي اسان سمجهي ٿا سگهون

عدالت اعظميٰ غير معقولات پراپرٽي لاڳو 100 سيڪڙو ٽيڪسون نفاذ خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي

عدالت اعظمي 100 سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪرڻ تي ايف بي آر جي سزا رد ڪندي فريقن کي غير منقولا جائدادن تي 15 سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو

هن نئين ٽيڪس سسٽم جي خامي کي ڏسڻو پوندو ويڪ ماڻهن کي ٽيڪس نيٽ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪريئيٽيشن ڪرڻو پوندو: جسٽس عمر عطا بنديال

هي معاملو اربن جو آهي عدالت حڪم جاري ڪيو ته باقين سان گڏ زيادتي ٿيندي: ايف بي آر جي ميمبر ليگل

سئو سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪرڻ گهرجي ته عدالت کي ڪوبہ اعتراض نہ آهي: چيف جسٽس جا ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بنديال ريمارڪس ڏنا آهن تہ ملڪ کي هن وقت مالي مشڪلاتن جو سامنهو آهي زر مبادلہ بهتر بنائڻ لاءِ پئسا بيروني ملڪ ۾ پئسو پيو آهي، اهو ملڪ ۾ رکڻ حڪومت جي مجبورين کي اسان سمجهي ٿا سگهون سيني جي ذميواداري آهي تہ تعاون ڪن جڏهن عدالت اعظميٰ غير معقولات پراپرٽي لاڳو 100 سيڪڙو ٽيڪسون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

طوفان سبب ڪراچي ۾ 30 منٽن ۾ 60 ملي ميٽر تائين برسات ٿي سگهي ٿي: مراد علي شاه

ساموندي طوفان کي ڏسندي شهري انتظاميا ۽ سمورا ڪاتا الرٽ آهن، جڏهن تہ لاڳاپيل علائقن مان تقريبن 80 هزار ماڻهن کي ڪڍڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي

هن وقت سڀ کان وڏيڪ خطرو سجاول ضلعي ۾ آهي، جتي شهري انتظاميا، نيوي، پاڪ آرمي ۽ رينجرز تي ٻڌل ٽيمون ٺاهيون ويون آهن

شاه بندر، سجاول ۽ چوهڙ جمالي تائين ساموندي طوفان جو پاڻي اچي سگهي ٿو ۽ اتان جي ماڻهن کي ڪڍڻ لازمي آهي

هاڻ اسان ماڻهن کي درخواست نہ ڪنداسين پر مطالبو ڪنداسين، ڇو تہ ماڻهن طرفان مزاحمت ٿي رهي آهي

ڪراچي ۾ 70 انتهائي خطرناڪ عمارتون بہ شامل آهن، جن مان ماڻهن کي ڪڍڻ جو منصوبو ٺاهيو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه چيو آهي تہ ساموندي طوفان کي ڏسندي شهري انتظاميا ۽ سمورا ڪاتا الرٽ آهن، جڏهن تہ لاڳاپيل علائقن مان تقريبن 80 هزار ماڻهن کي ڪڍڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مراد علي شاه چيو تہ هن وقت سڀ کان وڏيڪ خطرو سجاول ضلعي ۾ آهي، جتي شهري انتظاميا، نيوي، پاڪ آرمي ۽ رينجرز تي ٻڌل ٽيمون ٺاهيون ويون آهن. هن وقت سڀ کان اهم علائقن مان ماڻهن کي ڪڍڻ آهي. هن چيو تہ شاه بندر، سجاول ۽ چوهڙ جمالي تائين ساموندي طوفان جو پاڻي اچي سگهي ٿو ۽ اتان جي ماڻهن کي ڪڍڻ لازمي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ساموندي طوفان نہ آيو تہ سي ويو تي جشن ڪنداسين: سعيد غني

جماعت اسلامي کي نفرت جي سياست نہ ڪرڻ گهرجي، توهان جا پنهنجا ماڻهو حافظ نعيم ۽ جماعت جي سياست تي ڪاوڙيل آهن

هڪ ماڻهو بہ هيڏي هوڏي نہ ٿيندو، 3 گرفتار آهن، انهن کي بہ چونڊ واري ڏينهن پيش ڪنداسين

ڪراچي جي چونڊن ۾ جماعت اسلامي جي ڪارڪردگي ڏيکاريو؟ پ پ هر اليڪشن ۾ کٽي آهي

ڪراچي (م د) صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي تہ ساموندي طوفان نہ آيو تہ 15 جون جي رات سي ويو تي جشن ڪنداسين. پريس ڪانفرنس ڪندي سعيد غني چيو تہ جماعت اسلامي کي نفرت جي سياست نہ ڪرڻ گهرجي. توهان جا پنهنجا ماڻهو حافظ نعيم ۽ جماعت جي سياست تي ڪاوڙيل آهن. پي ٽي آءِ وارا بہ چئي رهيا آهن تہ اسان ووٽ نہ ڏينداسين، هن چيو تہ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

روس مان تيل جي فراهمي تسلسل سان شروع ٿي ويندي تہ اگهن ۾ فرق ايندو: مصدق ملڪ

اسان پنهنجي ضرورت جو ٽيون حصو روس کان وٺڻ شروع ڪري ڇڏينداسين تہ اگهن ۾ وڏو فرق ايندو

اسان جو هدف ٽيون حصو تيل رعايتي اگهہ تي وٺڻ آهي، هدف پورو ڪنداسين تہ تيل رعايتي قيمت تي هوندو

اصل قيمت هن وقت نٿو ٻڌائي سگهان پر ان سان وڏو فرق ايندو ۽ اثر عوام جي کيسن تائين پهچندو

اسلام آباد (م د) پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي تہ روس مان تيل جي فراهمي تسلسل سان شروع ٿي ويندي تہ اگهن ۾ فرق ايندو. نجي ٽي وي چئنل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي مصدق ملڪ چيو تہ اسان پنهنجي ضرورت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ

بجيٽ ڪانپوءِ پهرئين ڪاروباري ڏينهن ڊالر مهانگو

بجيٽ ڪانپوءِ پهرئين ڪاروباري ڏينهن انٽربئنڪ ۾ ڊالر 70 پئسا مهانگو ٿي ويو

انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي آمريڪي ڊالر 70 پئسا واڌ سان 287 رپين 63 پئسن تي بند ٿيو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) انٽربئنڪ ۾ ڊالر 70 پئسا مهانگو ٿي ويو، جڏهن تہ اوپن مارڪيٽ ۾ اگهہ برقرار آهي. بجيٽ ڪانپوءِ پهرئين ڪاروباري ڏينهن انٽربئنڪ ۾ ڊالر 70 پئسا مهانگو ٿي ويو، جڏهن تہ اوپن مارڪيٽ ۾ اگهہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ايم ڪيو ايم جي رسي سڙي وئي پر وراجان ناهيو: شهلا رضا

عدالتي حڪمن جي روشني ۾ مظلوم عورتن جي پهرين پناه گاه طور سيف هائوس کوليو ويو

هاڻي سيف هائوس ۾ ڪرپشن جا الزام لڳايا پيا وڃن، جڏهن تہ اجا تائين ڪابہ خريداري نہ ڪئي وئي آهي

ايم ڪيو ايم جا ميمبر تعليم باغ ۾ سيف هائوس نہ کولڻ لاءِ مسلسل دٻاءُ وجهي رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير وومين ڊولپمينٽ سنڌ سيده شهلا رضا تعليمي باغ ۾ سيف هائوس کي باه ڏيڻ واري واقعي جي مذمت ڪندي واقعي کي افسوسناڪ قرار ڏنو آهي. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ صوبائي وزير چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ اقليتي برادري جو ڪردار اهم آهي: گيانچند ايسراڻي

شريڪ چيئرمين آصف زرداري، بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپور اقليتي برادري جي ڀلائي تي خاص ڌيان ڏئي رهيا آهن

سنڌ جي سرڪاري نوڪرين ۾ اقليتي برادري جي ڪوٽا تي شفافيت سان عمل ڪيو پيو وڃي

اقليتي برادري جي عبادت گاه جي تعمير ۽ مرمت لاءِ بہ خاص فنڊ رکيا ويا آهن

ڪراچي (رپورٽر) اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيان چند ايسراڻي چيو آهي تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي خاص ڪري سنڌ ۾ اقليتي برادري کي برابري جا حق حاصل آهن ۽ منشور موجب اقليتي برادري جي حقن جو مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيان چند ايسراڻي ٻاران مختلف تقريب ۾ شرڪت جو ڏيک

روس مان ايندڙ جهاز مان
ڪچو تيل ڪڍڻ جو ڪم
شروع ڪيو ويو

ڪراچي (م د) روس مان ايندڙ جهاز مان ڪچو تيل ڪڍڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي ڪچو تيل کڻي روسي جهاز "پيور پوائنٽ" گذريل ڏينهن ڪراچي بندرگاه پهتو هو. 183 ميٽر ڊگهي روسي جهاز پيور پوائنٽ ۾ 45 هزار ميٽرڪ ٽن تيل پريل آهي، ريفائنري ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ڪراچي ڊويزن جي 40 عمارتن کي مڪمل طور تي مخدوش قرار ڏئي ڇڏيو

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۾ رين ايمرجنسي ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي: ياسين شربلوچ

ڪراچي ڊويزن جي سمورن ضلعن ۾ ايس بي سي اي جي آفيسرن ۽ ملازمن کي الرٽ ڪيو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي الرٽ جاري ڪنديڪراچيڊويزن جي 40 عمارتن کي ساموندي طوفان بائپرجوئي سبب مڪمل طور تي مخدوش قرار ڏئي ڇڏيو آهي. سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل وڏيڪڊايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

رجسٽريشن نہ ڪرائڻ تي ساڍا 7 لک افغان پناهگيرن کي ملڪ بدر ڪرڻ جو فيصلو

پاڪستان ۾ موجود افغان پناهگيرن ۾ ساڍا 7 لک ماڻهو رجسٽريشن ڪرائڻ جي بجاءِ روپوش ٿي ويا

غير قانوني سرگرمين ۾ ملوث هجڻ جي امڪان تي گهرو وزارت حرڪت ۾ اچي وئي

غيرقانوني طور تي رهندڙ افغان پناهگيرن جو نادرا ۽ ايف آءِ ۾ موجود ڊيٽا ٽاٽن کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو

لاهور (م د) پاڪستان ۾ رهائش لاءِ رجسٽريشن نہ ڪرائيندڙ ساڍا 7 لک افغان پناهگيرن کي ملڪ بدر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

افغان شهري رجسٽريشن لاءِ ويٺل آهن

سي پيڪ خطي جي ترقي لاءِ مددگار ثابت ٿيندو: سعودي پرڏيهي وزير

چين 430 ارب ڊالرن سان عرب ملڪن جو سڀني کان وڏو ڀائيوار آهي

رياض طرفان هڪ روڊ ميپ تيار ڪيو ويندو: سعودي بزنس فورم کي خطاب

بيجنگ (م د) سعودي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان چيو آهي تہ چين 430 ارب ڊالرن سان عرب ملڪن جو سڀني کان وڏو ڀائيوار آهي. سي پيڪ خطي جي ترقي لاءِ مددگار ثابت ٿيندو، رياض ۾ چين ۽ سعودي بزنس فورم کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ هاءِ ڪورٽ ميئر ڪراچي جي چونڊن ۾ چونڊيل نمائندن جي حاضري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ميئر ڪراچي جون چونڊون ملتوي ڪرائڻ بابت تحريڪ انصاف جي يوسي چيئرمين ذيشان عالم جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي

سنڌ پوليس يوسي چيئرمين کي غيرقانوني حراست ۾ رکيو ۽ حراسان ڪري رهي آهي: درخواست جو متن

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ ميئر ڪراچي جي چونڊن جي موقعي تي ڪنهن بہ يوسي چيئرمين کي غيرقانوني حراست ۾ رکڻ ۽ حراسان ڪرڻ کان روڪيندي چونڊن جي ڏينهن چونڊيل نمائندن جي حاضري يقيني بڻائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان آرمي چيف جنرل عاصم منير ملاقات ڪري رهيو آهي

وزيراعظم ۽ آرمي چيف وچ ۾ اهم ملاقات

وزيراعظم ۽ آرمي چيف ۾ ملاقات دوران قومي سلامتي جي صورتحال تي ڳالهيون

پاڪ فوج جي پيشيوراڻي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير وچ ۾ اهم ملاقات ٿي آهي، وزيراعظم ۽ آرمي چيف ۾ ملاقات دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

جيستائين صحافين جي آواز تڪڙي آهي جمهوريت تي حملو نٿو ٿي سگهي: مريم اورنگزيب

شهبازشريف اپوزيشن ۾ هيا تہ تمام صحافي اسان جي چيمبر ۾ ايندا هئا اهو صحافين جو حق آهي

4 سال ۾ ميڊيا تي الزام لڳايا ويا پي ايم ڊي اي جي صورت ۾ ڪارو قانون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير اطلاعات مريم اورنگزيب چيو آهي تہ جيستائين صحافين جي آواز تڪڙي آهي جمهوريت تي حملو نٿو ٿي سگهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: وفاقي وزير اطلاعات مريم اورنگزيب ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

ملڪ ۾ تيز برسات جي اڳڪٿي، ڳڙي جو بہ امڪان

13 کان 14 جون تي اسلام آباد، مري، راولپنڊي، اٽڪ، چڪوال ۾ برسات ٿيندي

چترال، دير، سوات، هري پور، چارسدا، صوابي، پشاور ۽ مردان ۾ بہ برسات جو امڪان آهي: موسميات کاتو

اسلام آباد (م د) موسميات کاتي 13 جون کان ملڪ ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي، جڏهن تہ ڪجهہ هنڌن تي ڳڙي جو امڪان بہ ظاهر ڪيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سهانا شرما قاضي احمد جي عدالت ۾ پيش، والدين حوالي

164 جي بيان بعد سوهانا شرما کي والدين حوالي ڪيو ويو

مان پنهنجي سهيلي گڙيا سان گهمڻ لاءِ گهران نڪتي هئس: سهانا شرما

سهانا شرما عدالت ۾ پيشي بعد والدين سان بيٺل آهي

قاضي احمد (رپورٽر) سهانا شرما کي نوابشاه جي سيف هائوس مان 164 جو بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ قاضي احمد ٽائي جي جاچ آفيسر عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو جتي 164 جي بيان بعد سوهانا شرما کي والدين حوالي ڪيو ويو، سهانا شرما جبري شادي جو انڪار ڪندي چيو تہ مان پنهنجي سهيلي گڙيا سان گهمڻ لاءِ گهران نڪتي هئس، مونکي ڪنهن بہ اغوا نہ ڪيو آهي، نہ وري مون مذهب تبديل ڪيو آهي. مان ڪنهن بہ جوابدار کي نٿي سڃاڻان، جنهن کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

استحڪام پاڪستان پارٽي عهديدارن جو اعلان ڪري ڇڏيو، عبدالعليم صدر مقرر

عون چوڌري مرڪزي ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري ۽ پارٽي ترجمان هوندو

پارٽي جي وڌيڪ عهديدارن جي نالن جو اعلان جلد ڪيو ويندو: جهانگير ترين

لاهور (م د) استحڪام پاڪستان پارٽي عهديدارن جو اعلان ڪري ڇڏيو، عبدالعليم خان استحڪام پاڪستان پارٽي جو صدر مقرر ٿي ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ميئر اليڪشن مسلم ليگ (ن) پيپلزپارٽي جي اميدوار جي حمايت

ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ ميئر ۽ بلدياتي سربراه جي چونڊ 15 جون تي ٿيندا

فيصلا مسلم ليگ جي قائد نوازشريف جي هدايت مطابق ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) ميئر اليڪشن مسلم ليگ (ن) پيپلزپارٽي جي اميدوارن جي حمايت ڪئي ۽ پنهنجا اميدوار دستبردار ڪرائڻ لاءِ حتمي فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پنجاب جا اهم سياسي خاندان پ پ ۾ شموليت لاءِ تيار

عام چونڊن کان اڳ اهي خاندان پ پ ۾ شموليت اختيار ڪندا

سينٽرل پنجاب مان ٽوانا، مهر، جٽ، ڪشميري ۽ راجپوتن سميت ٻيا پ پ ۾ شامل ٿيندا

لاهور (م د) پنجاب جا اهم سياسي خاندان پ پ ۾ شموليت لاءِ تيار آهن ۽ عام چونڊن کان اڳ شموليت اختيار ڪندا. پنجاب ۾ پ پ کي مضبوط /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌ چين کان سوين هائبر بسون خريد ڪندي: شرجيل ميمڻ

صوبي کي عوام جي سهولت جي ڪلاءِ بسن جي ضرورت آهي اسان ويجهڙائي ۾ چين کان بسون خريد ڪيون آهن

چيني بسون فائديمند رهنديون ۽ اسان کي اميد آهي تہ چيني ٽيڪنالوجي کان وڌيڪ فائدو کنيو وڃي

حڪومت نون رولز لاءِ 600 ملين رپيا مختص ڪيا آهن سنڌ سيڪريٽريٽ جي ملازمن جي سهولت لاءِ آئينده سال کان 3 نوان روٽ متعارف ڪرايا ويندا

ڪراچي: وزير اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ وارو صوبائي وزير شرجيل ميمڻ صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) وزير اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ شرجيل ميمڻ چيو آهي تہ سنڌ حڪومت پهرين جولاءِ 2023 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

حڪومت تحريڪ
لبيڪ سان ڳالهين جو
فيصلو ڪري ورتو

اسلام آباد (م د) حڪومت تحريڪ لبيڪ سان ڳالهين جو فيصلو ڪري ورتو آهي، تحريڪ لبيڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪنڊڪوٽ ساڳي موڙ وٽ حادثو، نندواڻي برادري جي 5 ماڻهن سميت 7 ماڻهون فوت

فوتين ۾ 45 ورهن جو عبدالله نندواڻي، 16 سالن جي بشيران، 12 سالن جي رشيدان فوت ٿي ويا

فوتين ۾ 11 سالن جو عرفان احمد ۽ 55 سالن جو پيرسن محمد يوسف ذات جا سڀ نندواڻي شامل آهن

اسپتال ۾ روڄ راڙو وارثن پاران اسپتال انتظاميا خلاف ميڊيا آڏو علاج ۽ سهولتون نہ هجڻ جون شڪايتون

ڪنڊڪوٽ (امداد ٻنگوار) ڪنڊڪوٽ ساڳي موڙ وٽ حادثو 7 ست ماڻهون فوت، ترڪ شهر اندر نندواڻي برادري جا 5 ماڻهون فوت، فوتين ۾ 45 ورهن جو عبدالله نندواڻي، 16 سالن جي مسمات بشيران، 12 سالن جي مسمات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پوڻن ٻن سالن ۾ هر جماعت اقتدار ۾ رهي، ڇا مسئلا حل ٿيا: شاهد خاقان عباسي

اڳئين سال وياج وڌيڪ وڌندو ڇاڪاڻ جو وڏيڪ قرض ورتو آهي اسان دفاعي خرچ اضافي قرضا وٺي ادا ڪري رهيا آهيون

وفاق کان اوهان حق گهريو ٿا هو پاڻ لاچار ۽ ڪنگال آهن پارليمينٽري اهي واحد طبقا آهن جن جا ٽيڪس رڪارڊ پبلڪ ڏسي سگهي ٿي

نظام کي نٿو بدلائي سگهجي ملڪ جا حالت درست نہ ٿي رهيا آهن سڀني سان وڏو انتظامي آفيسر وفاق جو آفيسر آهي انگريز جو نظام اسان دل ۾ لڳايو آهي

حيدرآباد (رپورٽر) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي تہ پوڻن ٻن سالن ۾ هر جماعت اقتدار ۾ رهي ڇا مسئلا حل ٿيا نظام جي خرابي ۽ ان اميج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: چيئرمين اين ڊي ايم اي ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر گلجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

"هوائن جي رفتار 150
ڪلو ميٽر في ڪلاڪ
تائين بہ پهچي سگهي ٿي"

نئين (م د) عربي سمنڊ ۾ موجود ساموندي طوفان بائپر جواءِ جي حوالي سان پارٽي موسميات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

قومي اسيمبلي ۾ 9 مئي جي شرپسندن خلاف ڪيس ملٽري ايڪٽ تحت هلائڻ جو ٺهراءُ منظور

اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ قومي اسيمبلي اجلاس ۾ بجاءِ واري وزير خواجا آصف پي ٽي آءِ خلاف ٺهراءُ پيش ڪيو

هڪ جماعت ۽ ان جي قائد 9 مئي تي سمورين حدون پار ڪيون، آئين ۽ قانون جا بخيا ادپڙيندي فوجي ملڪيتن تي حملا ڪيا: ٺهراءُ جو متن

انهن حملن سان رياستي ادارن ۽ ملڪ کي وڏو نقصان پهتو، آئين ۽ قانون تحت ان خلاف ڪارروائي مڪمل ڪئي وڃي

اسلام آباد (م د) قومي اسيمبلي 9 مئي جي شرپسندن خلاف ڪيس ملٽري ايڪٽ تحت هلائڻ جو ٺهراءُ منظور ڪري ورتو اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ قومي اسيمبلي اجلاس ۾ بجاءِ واري وزيرخواجا آصف پي ٽي آءِ خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪشمير جي آزادي لاءِ بہ پاڪ فوج جي طاقت اهم آهي: پرويز اشرف

تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ جو بار بہ پاڻ کنيو آهي ۽ اهو ڪم پاڪستان جي بقاءَ جو ثبوت آهي

پاڪستان جي آزادي لاءِ نہ پر ڪشمير جي آزادي لاءِ بہ پاڪ فوج جي طاقت اهم آهي، قيامت سدائين قائم رهندي

پير محي الدين ۽ پير علاؤالدين صديقي ۽ پير ڊاڪٽر شيطان العارفين صديقي کي شاندار لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو

ترار خيل (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف چيو آهي تہ درگاه نيريان شريف هن علائقي کي محبتن جو ڳانو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ تعليم ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ جو بار بہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ترار خيل: اڳوڻو وزيراعظم ۽ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

جيئي سنڌ محاذ جي
چيئرمين رياض چانڊيو جي
صدارت هيٺ هنگامي اجلاس

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) جيئي سنڌ محاذ جي باڊي جو هنگامي اجلاس حيدرآباد ۾ چيئرمين رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو رياض علي چانڊيو چيو تہ سنڌ جي ساحلي پٽي تي ساموندي طوفان ۽ برساتي امڪان ڪري انسانن کي خوف ۽ ڌڪاءَ ۾ وهجي ڇڏيو آهي. ڇو تہ انهن جون زندگيون، املاڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ساموندي طوفان: ڪيٽي بندر ۽ ڀرپاسي جي علائقن مان 50 هزار ماڻهن جي لڏپلاڻ جو امڪان

ساموندي طوفان 15 جون تي ٽڪرائجندو، 17 جون کان 18 جون تائين طوفان جو اثر گهٽ ٿي ويندو

شدت ۾ معمولي گهٽتائي سان طوفان 13 يا 14 جون جي بجاءِ 15 جون تي ٽڪرائجندو

طوفان جي ٽڪرائجڻ سان سمنڊ ۾ 4 کان 5 فوٽ ڊگهيون لهرون اٿنديون جنهن سان پاڻي تمام گهڻو اڳتي تائين ويندو

ڪراچي (م د) ساموندي طوفان بائپر جواءِ کي نظر ۾ رکندي ڪيٽي بندر ۽ ڀرپاسي جي علائقن مان 50 هزار ماڻهن لڏ پلاڻ جو منصوبو سامهون آيو آهي، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه ساموندي طوفان کي نظر ۾ رکندي سجاول جي ساموندي پٽي جو دورو ڪيو ۽ سجاول، ٺٽو ۽ بدين جي ساموندي پٽي جو فضائي معائنو پڻ ڪيو ان موقعي تي ڪمشنر حيدرآباد ساموندي طوفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حڪومت جواب ڏئي تحريڪ انصاف چيئرمين خلاف ڪارروائي ڇو نہ ٿي رهي آهي: فضل الرحمان

پاڪستان هن وقت معاشي بحران هيٺ آهي، پريشانين جي باوجود بجيٽ کي بهتر قرار ڏنو ويو آهي

9 مئي جي واقعن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي، ملوث ماڻهن خلاف سخت قدم کڻڻ گهرجن

اسان جي ملڪي سياست سان وابستگي جي هڪ ڊگهي تاريخ آهي، اسان سياست ۾ هيٺ مٿانهين کي تمام ويجهو کان ڏٺو آهي

پشاور (م د) پي ڊي ايم جي سربراه مولانا فضل الرحمان چيو آهي تہ پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت ملڪي معيشت کي بي رحمي سان پٽ ڪري ڇڏيو پريس ڪانفرنس ڪندي جي يو آءِ اڳواڻ ۽ حڪومتي اتحاد جي سربراه مولانا فضل الرحمان چيو تہ پاڪستان هن وقت معاشي بحران هيٺ آهي، پريشانين جي باوجود بجيٽ کي بهتر قرار ڏنو ويو آهي، عوام کي رليف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

حافظ نعيم کي ووٽ نہ
ڏيو، پي ٽي آئي يوسي
چيئرمينن جو انڪار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي مان چونڊيل پاڪستان تحريڪ انصاف جي يونين ڪميٽين جي چيئرمينن جماعت اسلامي جي ميئر اميدوار حافظ نعيم الرحمان کي ووٽ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ جي چونڊيل چيئرمين اسد امان چيو تہ هو ڪراچي ۾ پارٽي قيادت جي فيصلن سان متفق آهن، جماعت اسلامي سان اتحاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

دادو ۾ سسٽرس لائبريري جي چيئرپرسن جي ڪوشش سان انگلش جا ڪلاس شروع

شمائلا اختر عباسي گرلس لاءِ فري آف ڪاسٽ انگلش اسپيڪنگ ڪلاسز شروع ڪرايا

مان چاهيان ٿي ته دادو جون ڇوڪريون سسٽرس لائبريري مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪن: شمائلا عباسي

وسيلن جي گهٽتائي سبب اسان جي معاشري ۾ ڇوڪرين جي پڙهائي تي توجهه نه ٿي ڏني وڃي: ڳالهيون

دادو (عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سسٽرس لائبريري جي چيئرپرسن ۽ ايڊوڪيٽ شمائلا اختر عباسي جنهن دادو ۾ 2 سال پهريائين پهرين فيميل لائبريري (دادو سسٽرس لائبريري) جو قيام وڌو آهي ايڊوڪيٽ شمائلا اختر جي مسلسل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: سسٽرس لائبريري ۾ شاگرديائيون پڙهائي ۾ مشغول نظر اچي رهيون آهن

سماجي اڳواڻ مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي صدر ڊاڪٽر مدد علي جي والد جي ورسي

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر پنهور) ڪراچي يونيورسٽي ۾ ٽاليواري سماجي اڳواڻ مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي صدر ڊاڪٽر مدد علي ٻگهيو جي والد محمد ٻگهيو جي ورسي جي موقعي تي تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي ڊاڪٽرن پروفيسرن سميت مختلف مڪتبه فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بائيپر هوائي جون تيز هوائون بدين جي ساحلي علائقي زيرو پوائنٽ ۾ هلڻ شروع

سامونڊي پاڻي ايل بي او ڊي سم نالي جي زريعي اڳتي وڌڻ شروع ٿي ويو آهي

ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جي لاءِ انتظاميا طرفان بندوبست نه ڪيا ويا

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) سامونڊي طوفان بائيپر هوائي جون تيز هوائون بدين جي ساحلي علائقي زيرو پوائنٽ ۾ هلڻ شروع ٿي ويون آهن جنهن جي ڪري سامونڊي پاڻي ايل بي او ڊي سم نالي جي زريعي اڳتي وڌڻ شروع ٿي ويو آهي ان هوندي سامونڊي علائقن ۾ رهندڙ هزارين ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جي لاءِ انتظاميا جي طرفان ڪي به بندوبست نه ڪيا ويا آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو محمد خان سامونڊي طوفان (بپرجوائي) گڏ ڪٽي ايندڙ برساتن بابت اجلاس

اجلاس ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ٽنڊو محمد خان سليم احمد جتوئي جي صدارت هيٺ ٿيو

ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نعيم احمد ميمڻ، ٽنهي تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرز شرڪت ڪئي

سمورن کاتن جي ملازمن جون موڪلون رد ڪندي اسپتالن ۾ ايمرجنسي نافذ ڪئي وئي: سليم احمد جتوئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان سامونڊي طوفان (بپر جوائي) گڏ ڪٽي ايندڙ امڪاني تيز برساتن جي سلسلي ۾ اڳوات ڪيل حفاظتي انتظامن جي حوالي سان اجلاس ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ٽنڊو محمد خان سليم احمد جتوئي جي صدارت ۾ ڊي سي ڪامپليڪس جي ڪميٽي هال ۾ منعقد ڪيو ويو. اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر لڇمڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊو محمد خان: طوفاني برساتن جي حوالي سان اي ڊي سي ون اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ٻيرلوءِ ۾ بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف شهري سراپا احتجاج بڻجي ويا

ڪنڊڙا (رپورٽر) ٻيرلوءِ ۾ بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف شهري سراپا احتجاج بڻجي ويا مهنگائي جي دور ۾ ڳرا بل ڀرڻ باوجود بجلي جي سهولت کان محروم آهيون سيپڪو عملدار ٻيرلوءِ شهر جي بجلي هلائڻ لاءِ رشوت جي بازار گرم ڪري پرائيويٽ واڻن جا ٽي گروپ مقرر ڪري ڇڏيا آهن بلن ڀرڻ سان گڏ منٿلي رشوت به ڏيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو باگو شهر جي وارڊ 8 جي رهواسي ڪولهي برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو

والجي ڪولهي، سوجي، پورو ڪولهي، موهن ۽ هيرو ڪولهي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

ٻني ۾ ڪم ڪرڻ دوران ڪهاڙين سان حملو ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ مظاهرو ڪيو

والجي ڪولهي سندس گهرواري هيري سميت روپا ۽ سڄڻ ڪولهي کي زخمي ڪري ڇڏيو هو

ٽنڊو باگو (رفاقت جروار) ٽنڊو باگو شهر جي وارڊ 8 جي رهواسي ڪولهي برادري جي ماڻهن جي وڏي تعداد والجي ڪولهي، سوجي، پورو ڪولهي، موهن ۽ هيرو ڪولهي جي اڳواڻي ۾ والجي ڪولهي ۽ سندس گهرواري هيري سميت 4 ڄڻن تي ٻني ۾ ڪم ڪرڻ دوران ڪهاڙين سان حملو ڪندڙ جوابدارن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سنڌ جي وڏي وزير پاران سامونڊي طوفان بائپرجوائي جي خطري بابت انتظامن جو جائزو ورتو

ڪمانڊر پاڪ نيوي، ضلعي انتظاميا، آبپاشي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پاران بريفنگ ڏني وئي

ناصر حسين شاهه، پ پ ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري، حاجي رسول بخش ۽ ٻيا اڳواڻ گڏ هئا

ماڻهن کي رهائش، کاڌي پيتي جي شين سميت سمورين گهربل سهولتون فراهم ڪرڻ جون هدايتون

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ٺٽي جي ساحلي علائقي ڪيٽي بندر پهچي سامونڊي طوفان بائپر جوائي جي خطري بابت ضلعي انتظاميا پاران ڪيل اڳوات انتظامن جو جائزو ورتو ۽ ساحلي پٽي تي موجود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو: سنڌ جي وڏي وزير کي سامونڊي طوفان جي حوالي سان عملدار بريفنگ ڏئي رهيا آهن

انهٽ موري پرسان ڳوٺ رانجهو خان رند ۽ گهرام خان رند ۾ پاڻي جي شديد کوٽ

نواب شاهه (رپورٽر) انهٽ موري پرسان ڳوٺ رانجهو خان رند ۽ گهرام خان رند چڪ نمبر 10 سهيلو ۾ پيئڻ جي پاڻي جي سخت تڪليف ڪافي سالن کان 10 چڪ سهيلو تعلقو دوڙ جي سوين ڳوٺن جو جر سم ۽ کلر سبب پيئڻ جو پاڻي ناڪاره ۽ زهريلو ٿي ويو آهي جنهن سبب ڳوٺ رانجهو خان رند ۽ گهرام خان رند ڳوٺ الاهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر ۾ ننڍڙي مسکان سان مبينا زيادتي واري رپورٽ پڌري، زيادتي جي تصديق نه ٿي

سماجي اڳواڻ جي چوڻ تي نينگري جي والد مٺان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو: عقيل راجپوت

عقيل راجپوت سان منهنجي ڪا به دشمني ناهين عقيل جي هڪ ڪرسي مون وٽ آهي: حنا لاڙڪ

مسڪان يوسفزئي پناڻ کي انصاف ڏيارڻ چاهيون ٿا رپورٽ کي هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويندو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) 13 سال معصوم مسڪان سان مبينا زيادتي واري رپورٽ پڌري ميڊيڪل رپورٽ منظرعام تي اچي وئي نينگري سان ڪا به زيادتي ناهين ٿي نينگري ڪنواري آهي سماجي اڳواڻ حنا لاڙڪ جي چوڻ تي نينگري جي والد مٺان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو عقيل راجپوت منهنجي ڪا ب هن سان دشمني ناهين حنا لاڙڪ تفصيل موجب، روهڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مليرجي علائقي بن قاسم ۾ سنڌي جماعت ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ۾ ڪلچرل شو منعقد

تقريب جا مهمان خاص ڊاڪٽر شاهه محمد نوناري ميڊيڪل ائڊوائيزر سوشل سيڪيورٽي حڪومت سنڌ هيا

محمد يوسف عباسي قاضي مسرور علي محمد پاٽوجو ظهير احمد ميمڻ محمد خان سيال ۽ ٻيا شامل هئا

تقريب ۾ موسا چنا کي گڏاپ پريس ڪلب جي بهترين رپورٽنگ جي ۽ ڪاوشن خدمتن تي ايوارڊ سان نوازيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) مليرجي علائقي بن قاسم ۾ سنڌي جماعت ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ۾ ڪلچرل شو منعقد ٿيو تقريب جا مهمان خاص ڊاڪٽر شاهه محمد نوناري ميڊيڪل ائڊوائيزر سوشل سيڪيورٽي حڪومت سنڌ هيا مقررين ۾ محمد يوسف عباسي قاضي مسرور علي محمد پاٽوجو ظهير احمد ميمڻ محمد خان سيال ۽ ٻيا شامل هيا پروگرام جي آخر ۾ سنڌ جي ثقافت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: سنڌي جماعت ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

گهوٽڪي ۾ اسٽيشن کان بازار تائين تف تائيل ۽ ٻيا ڪم رولڙي جو شڪار

گهوٽڪي (رپورٽر) اٽڪل 3 مهينا اڳ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ورڪس طرفان گهوٽڪي شهر ۾ شروع ڪرايل ترقياتي ڪم جيڪي AC محسن امتياز ۽ TMO قمر زمان انڊڙ جي نگراني ۾ شروع ڪرايل مختلف ڪم جنهن ۾ تف تائل ماتيلو روڊ کان شهر تائين ۽ ٽائي جي پلين پاسي نيڪال جو نالو ۽ اسٽيشن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽون ڪوٽ پرسان وڃوٽو پوليس جي حد ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪيل، چوپائي مال جي چوري معمول

ڳوٺ ڪمال جوڻيجو جا ڙيو اوٺا، روجهتل ميو اوٺو پوجا تلي ۽ ٻين ڳوٺن مان 30 کان وڌيڪ ٻڪريون چوري

ٻن مهينن دوران 30 کان وڌيڪ ٻڪريو 5 ڏڳين سميت سولر پليٽون نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا

ٻن مهينن دوران نامعلوم چور چوپائي مال سميت سولر پليٽون ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي وڃن ٿا

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ پرسان وڃوٽو پوليس جي حد ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪيل، چوپائي مال جي چورين عروج تي پهتل. پاڳين جون ننڊون حرام، پوليس چوريون روڪڻ ۾ ناڪام بڻيل خبر موجب ٺٽون ڪوٽ پرسان مٺي تعلقي جي ڳوٺ ڪمال جوڻيجو جا ڙيو اوٺا، روجهتل ميو اوٺو پوجا تلي ۽ ٻين ڳوٺن مان ٻن مهينن دوران 30 کان وڌيڪ ٻڪريو 5 ڏڳين سميت سولر پليٽون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سامونڊي طوفان ۾ ماڻهن کي لاوارث ڪري ماريو ويو ته جدوجهد ڪبي: رياض چانڊيو

سنڌ جي ماڻهن کي ننڍڙو ڪري ماريو ويو ته انهن جي قتل جون ايف آءِ آرز داخل ڪرائينداسين

حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا اڳواٽ ضروري قدم کڻي سنڌ جي مظلوم عوام کي سهولتون فراهم ڪن

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمن رياض چانڊيو پاران پنهنجي ترجمان ذريعي هڪ بيان جاري ڪندي چيو آهي ته هو زرداري مافيا تي واضح ڪن ٿا ته ڪن ته جيڪڏهن سامونڊي طوفان بپرجوا جي ڪري سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سهراب ڳوٺ ۾ پوليس مقابلي دوران شهيد ٿيل اهلڪار رحمت الله جي نماز اد

رحمت الله پنهور جي آخري رسم نوشهروفيروز جي ڳوٺ ٻچل پنهور ۾ ادا ڪئي وئي

شهيد جي جنازي نماز ۾ ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي ۽ ٻين پاران شرڪت

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڪراچي جي سهراب ڳوٺ واري علائقي ۾ پوليس مقابلي دوران شهيد ٿيل پوليس هيڊ ڪانسٽيبل رحمت الله پنهور جي آخري رسم نوشهروفيروز جي ڳوٺ ٻچل پنهور ۾ ادا ڪئي وئي، شهيد پوليس هيڊ ڪانسٽيبل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: مقابلي ۾ شهيد ٿي ويل پوليس اهلڪار جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

سکر ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو، 2 ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار

سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد راهوجا لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿيو

مقابلي دوران گرفتار جوابدار جي قبضي مان موٽرسائيڪل ۽ هٿيار هٿ ڪيا ويا

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو، 2 ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار، هٿيار هٿ سکر پوليس جي ترجمان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽون ڪوٽ جي سينئر صحافي محمد حنيف گرگيز جي گهرواري لاڏاڻو ڪري وئي

محمد حنيف گرگيز جي گهرواري ڪيتري وقت کان گڙدن جي بيماري ۾ مبتلا هئي

گڙدن جي تڪليف وڌي وڃڻ ڪري مٺي سول اسپتال کان ڪراچي ريفر ڪيو ويو هو

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) گڙدن جي بيماري ۾ مبتلا ٺٽون ڪوٽ جي سينئر صحافي محمد حنيف گرگيز جي گهرواري (زال) ڪراچي جي اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو، سينئر صحافي محمد حنيف گرگيز جي گهرواري ڪيتري وقت کان گڙدن جي بيماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺ ڪوڙو شريف جي رهواسڻ پاران ٻاٿرن خلاف احتجاجي مظاهرو

مسمات فسانه ڪلهوڙو پنهنجي مڙس پرويز احمد ڪلهوڙو سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪيو

منهنجو پاءُ اسان جي گهر اچي مون سان زبردستي وڙهيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مسمات فسانه ڪلهوڙو

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڳوٺ ڪوڙو شريف جي رهواسڻ مسمات فسانه ڪلهوڙو پنهنجي مڙس پرويز احمد ڪلهوڙو سان گڏ پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: ڳوٺ ڪوڙو شريف واسي ٻاٿرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

پ پ سٽي سجاول جو اڳوڻو صدر احمد گبول ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

محمد علي ملڪاڻي، ڊپٽي اسپيڪر سنڌ ريحانه لغاري ۽ ٻين پاران تعزيت

شيئرزمان سهتو، صحافي امتياز ميمڻ، پ ٽ الف اڳواڻ عمر ميمڻ، لطف ميمڻ ڏک ونڊيو

سجاول (ممتازعلي نهڙيو) پ پ پ سٽي سجاول جو اڳوڻو صدر احمد گبول ميمڻ ڪجھ ڏينهن بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو. پ پ پ سٽي سجاول جو اڳوڻو صدر ۽ پ پ پ سپاف ضلع صدر شهمير گبول ميمڻ جو والد احمد گبول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

خيرپور ناٿن شاهه نارا ڊسٽري سميت مختلف شاخن جي آبادگارن پاران احتجاج

انڊس هاءِ وي ٻاءِ پاس وٽ ننهڻ اس ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين احتجاج جاري رهيو

آبادگارن ٻاءِ پاس وٽ ننهڻ اس ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين احتجاجي ڌرڻو هڻي ڇڏيو

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه نارا ڊسٽري سميت مختلف شاخن جي آبادگارن پاڻي جي اڻهوند خلاف انڊس هاءِ وي ٻاءِ پاس وٽ ننهڻ اس ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين احتجاجي ڌرڻو هڻي ڇڏيو جنهن سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪي اين شاهه: مختلف واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي ڪوٽ خلاف ٻارڙا ۽ آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئشن پاران فوجي شوگر ملز گرائونڊ تي ميچ

ايسوسيئشن ۽ فريندس ايجوڪيشنل پاران شهر جي فوجي شوگر ملز گرائونڊ تي دوستانه ميچ ٿيو

ڊاڪٽر شاهنواز کي بيسٽ باولر ۽ ڊاڪٽر رضوان کي آل رائونڊر جي سٺي پرفامنس تي انعام ڏنا ويا

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئشن ۽ فريندس ايجوڪيشنل پاران شهر جي فوجي شوگر ملز گرائونڊ تي دوستانه ميچ ٿيو. ميچ تمام سنسني خيز مرحلي ۾ شامل ٽيم ڪانبو، فريندس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهرو فيروز ۾ ڳوٺ نبي بخش انڙجا رهواسين پاران مائٽن جي ظلمن خلاف احتجاج

رهواسين ظلمن کان تنگ ٿي نيشنل پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڦورن اعجاز طارق ۽ رينواز حملو ڪري اعجاز کي زخمي ڪيو، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

نوشهرو فيروز (ڊ ر) ڳوٺ نبي بخش انڙجا رهواسي پنهنجي مائٽن ج ظلمن کان تنگ ٿي نيشنل پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي اعجاز انڙ محبوب انڙ محمد صيفل گل منير ۽ ٻين ٻڌايو ته پنهل انڙ اسلم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

گهوٽڪي آرٽس ڪائونسل جي ساليانى اليڪشن ٿي گذري

اليڪشن ۾ صدر صداقت پتافي، نائب صدر جي ايم لاڙڪ ۽ جنرل سيڪريٽري مسافر پتافي چونڊيا ويا

سنڌ جا مشهور ڊراما آرٽسٽ فنڪار اديب دانشور اسان سان گڏ آهن: عهديدار

گهوٽڪي (لالچند موتواڻي) گهوٽڪي آرٽس ڪائونسل جي ساليانى اليڪشن ٿي گذري جنهن ۾ هڪ سال لاءِ نئين باڊي جي چونڊ ڪئي وئي چونڊ ۾ اڪثريتي رائي سان صدر: استاد صداقت علي پتافي نائب صدر: جي ايم لاڙڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گهوٽڪي: آرٽس ڪائونسل جي چونڊيل عهديدارن جي ڪرايل گڏجاڻي جو ڏيک

پنون ۽ ڀرپاسي جي عوام 15 سالن کان وٺي بجلي جي سهولت کان محروم

اختيارين گرڊ اسٽيشن کان ايندڙ بجلي جي سپلائي بقايات جو جواز ڄاڻائي ڪاٽي ڇڏي

سئي گيس، پيئڻ جي پاڻي، ڊرينيج ۽ ٻين سمورين بنيادي سهولتن کان محروم ٻڌيل آهي

غلام عباس پليجو، پرڪاش لال، عبدالرحيم قاضي، غني جوش پليجو، سرفراز سومرو احتجاج ڪيو

دڙو (شرڪت ميمڻ) پنون ۽ ڀرپاسي جي عوام 15 سالن کان وٺي بجلي جي سهولت کان محروم، حيسڪو جي اختيارين بلڙي شاهه ڪريم گرڊ اسٽيشن کان ايندڙ بجلي جي سپلائي بقايات جو جواز ڄاڻائي ڪاٽي ڇڏي، بجلي جا پول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دڙو: پنون جي بجلي بند ٿيڻ بعد ٽرانسفارمر هيٺ پيل آهن

تعلقي دوڙ جي ڳوٺ مُلو ساماٽو جي رهواسي مزدور محمد حسين سولنگي پاران احتجاج

نواب شاهه (رپورٽر) تعلقي دوڙ جي ڳوٺ مُلو ساماٽو جي رهواسي مزدور محمد حسين سولنگي پنهنجي گهرواري مسمات ارباب خاتون ۽ پاءُ محبت سولنگي ڌيءَ جي اغوا خلاف نواب شاهه پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيون آهي ته پنج ڏينهن اڳ ٻچل سولنگي ۽ ارشاد سولنگي منهنجي 20 ورهين جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر ريجنٽ ڪالوني ۾ غريب عورتن کي سپورٽ پروگرام ۾ شامل ڪرائڻ تي تقريب

سپورٽ پروگرام ۾ شامل ڪرائڻ سميت ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تقريب منعقد ٿي

پ پ جي عورت ۽ مرد ڪارڪنن جيئي ڀٽو جيئي شهيد راڻي جي نعرن سان استقبال ڪيو

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي ريجنٽ ڪالوني واري علائقي ۾ غريب عورتن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ شامل ڪرائڻ سميت ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پ پ سينيئر ورڪر بخاري سيد زاهد شاهه علائقي ۾ پهتو ته پ پ جي عورت ۽ مرد ڪارڪنن جيئي ڀٽو جيئي شهيد راڻي جي نعرن سان استقبال ڪيو زاهد شاهه بخاري عورتن جا مسئلا معلوم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو محمد خان ۾ 12 سالا نينگر سان جنسي زيادتي جي ڪوشش، وارثن پاران احتجاج

ڀٽي پاڙي ۾ وحشي شخص مبينه طور 12 ورهين جي عرفان ملاح سان بدفعلي جي ڪوشش ڪئي

واقعي بابت معصوم ٻار جي وارثن ٽنڊو محمد خان ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل ڪرائي آهي: پوليس

معصوم ٻار جي وارثن ۽ قومي ڪارڪنن گڏجي پريس ڪلب آڏو وحشي شخص خلاف احتجاج ڪيو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ 12 سالا معصوم نينگر عرفان ملاح سان جنسي زيادتي جي ڪوشش، وارثن ۽ قومي ڪارڪنن جو احتجاج، ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس ورتو، ٽنڊو محمد خان جي شهري علائقي ڀٽي پاڙي ۾ وحشي شخص مبينه طور 12 ورهين جي عرفان ملاح سان زبردستي جنسي زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊو محمد خان: نينگر سان بدفعلي جي ڪوشش خلاف قومپرست ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

قاضي احمد جي سهانا شرما عدالت ۾ پيش، ڪنهن به اغوا نه ڪيو نه مذهب مٽايو: سهانا شرما

دولت پور صفن (رپورٽر) قاضي احمد سهانا شرما کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو سهانا شرما کي نوابشاهه جي سيف هائوس مان 164 جو بيان رڪارڊ ڪرڻ لاءِ قاضي احمد ٿاڻي جي انويسٽيگيشن آفيسر معرفت عدالت ۾ پيش ڪيو سهانا شرما جبري شادي جو انڪار ڪندي چيو ته مان پنهنجي سهيلي ڳويا سان گهمڻ لاءِ گهران/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم آريسر گروپ پاران قومپرست اڳواڻ جي گمشدگي خلاف احتجاج

عبدالخالق خاصخيلي ۽ ساٿي روشن ٽاڪر جي گمشدگي خلاف جسقم ڪارڪنن مظاهرو ڪيو

جسقم آريسر گروپ جي ضلعي اڳواڻ شاهفهد ڀٽي، رزاق خاصخيلي، سڪندر قلڪارو پاران ريلي

اهلڪارن عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ٽاڪر کي حراست ۾ نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم آريسر گروپ پاران قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ سندس ساٿي روشن ٽاڪر جي گمشدگي خلاف جسقم احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي جسقم آريسر گروپ جي ضلعي اڳواڻ شاهفهد ڀٽي، رزاق خاصخيلي، سڪندر قلڪارو ۽ ٻين چيو ته 15 ڏينهن گذرڻ باوجود/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

خانپور مهر پوليس جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪري نوجوان جا قاتل گرفتار ڪري ورتا

پوليس پاران قتل ٿيل مولا بخش گبول قتل ۾ ملوث 5 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

اصغر علي اعوان پريس ڪانفرنس ڪرڻ دوران گرفتار 5 جوابدارن کي پڻ ميڊيا سامهون پيش ڪيو

جوابدارن نوجون مولا بخش گبول کي اٽبڻت تان وڏي ٽيڪنيڪل طريقي سان قتل ڪيو: اصغر علي اعوان

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر پوليس ٽن هفتن تائين جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪري قتل ٿيل نوجوان جا قاتل آخرڪار گرفتار ڪري ورتا. خانپورمهر پوليس پاران قتل ٿيل نوجوان مولا بخش گبول قتل ۾ ملوث 5 جوابدارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

خانپورمهر: ايس ايڇ او اصغر اعوان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

نوابشاهه پرسان شاهه حسين مائينر مان نڪرندڙ اي آر واٽر ڪورس ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه پرسان شاهه حسين مائينر مان نڪرندڙ 3 اي آر واٽر ڪورس جو پاڻي بااثر کي وڪرو ڪرڻ خلاف سوين آبادگارن جو آبپاشي ايس ڊي او خلاف احتجاجي مظاهرو نعريبازي خبر موجب شاهه حسين مائينر مان نڪرندڙ 3 اي آر واٽر ڪورس جي آبادگارن غلام اڪبر بروهي دودو پنهوار عبدالڪريم بروهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٻيرلو جي رهواسي لاشاري برادري پاران روهڙي پوليس جي جڙتي مقابلي خلاف احتجاج

پورهيت دلبر لاشاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاج ڪيو ويو

الاهي بخش لاشاري جمال دين خادم حسين غفار لاشاري ۽ ٻين پاران مظاهرو ڪيو ويو

ڪيس ختم ڪرائي پورهيت کي آزاد ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي: مظاهرين جون دانهون

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) ٻيرلو جي رهواسي لاشاري برادري پاران روهڙي پوليس جي جڙتو مقابلي ۾ پورهيت دلبر لاشاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ واري عمل خلاف سکر پريس ڪلب ٻاهران ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪري روهڙي پوليس جي ڇاڙايل عمل خلاف نعري بازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين الاهي بخش لاشاري جمال دين خادم حسين غفار لاشاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پاڪستان زنده آباد بيسڪ آرگنائيزيشن ڪراچي ۾ چونڊيل باڊي جي حلف برادري تقريب

چونڊيل باڊي جي حلف برادري تقريب ۾ وڏي انگ ۾ سماجي سياسي صحافين شرڪت ڪئي

تقريب ۾ ضلعي ڪاونسل جي ايڊمنيسٽيٽر ڪراچي جي نور حسن جوکيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

عالم شير اعوان. سيد محبوب علي شاهه. هيومين رائيٽس سنڌ نوابزاده امير لاڙڪ. ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان زنده آباد بيسڪ آرگنائيزيشن ڪراچي ڊويزن پاران گڏاپ پريس ڪلب جي نئين چونڊيل باڊي جي حلف برادري تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ وڏي انگ ۾ سماجي سياسي صحافين شرڪت ڪئي تقريب ۾ آيل مهمانن کي الجواد سيڪينڊري اسڪول جي ٻاررڙن شاندار استقبال ڪيو تقريب ۾ ضلعي ڪاونسل جي ايڊمنيسٽيٽر ڪراچي جي نور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي: سماجي تنظيم جي چونڊيل عهديدارن جو گروپ فوٽو

نصير واهه مان نڪرندڙ واٽر ڪورس ايل 2 تي بااثر زميندارن خلاف احتجاجي مظاهرو

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) نصير واهه مان نڪرندڙ واٽر ڪورس ايل 2 تي بااثر زميندارن عثمان سمون قاسم سمون پاران واهه کي مبينه دڪر ڏيي پوچڙيءَ جي آبادگارن جي حصي جو پاڻي سمورو چوري ڪرڻ خلاف آبادگارن جو ايس ٽي پي تعلقي صدر علي نواز سمون جي اڳواڻي ۾ راڌوڙي موري تي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سجاول ۾ سيد برادرين جو پوليس پاران جهيڙي جو ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف احتجاج

سيد برادري جي ماڻهن سيد غلام شاهه، عيسن شاهه، احمد شاهه جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

سبزي جو ڪاروبار ڪندا آهيون آئون دڪان اڳيان وينو هوس ته هٿياربندن حملو ڪيو: سيد عيسن شاهه

دڪانن جا چاپڙا ٽوڙي ڇڏيا. ظلم به اسان سان ٿيو ۽ ايف آئي آر به اسان جي 12 ماڻهن تي داخل ڪئي وئي

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ سيد برادرين جو پوليس پاران جهيڙي جو ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف احتجاج، انصاف جي اپيل. سجاول شهر جا رهواسي سيد برادري جي ماڻهن سيد غلام شاهه، عيسن شاهه، احمد شاهه، قاسم شاهه، صدام شاهه، عبدالله شاهه ۽ ٻين سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي سيد عيسن شاهه چيو ته اسان سبزي جو ڪاروبار ڪندا آهيون آئون پنهنجي دڪان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 13 جون 2023ع

ساموندي طوفان: ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪريو!

ساموندي طوفان 'بائپر جواءِ' تيز رفتاريءَ سان سنڌ ۽ گجرات جي ساحل ڏانهن وڌي رهيو آهي. موسميات کاتي موجب، ساموندي طوفان 15 جون جي صبح تائين ڪيٽي بندر ۽ گجرات جي وچ ۾ ٽڪرائي سگهي ٿو. طوفان جي سنڌ جي ساحل تائين پهچڻ کانپوءِ ٺٽي، سجاول، بدين، ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ضلعن ۾ 13 کان 17 جون دوران 80 کان 100 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان تيز هوائون لڳڻ ۽ گجگوڙ سان مينهن وسڻ جو امڪان آهي. 14 جون کان 16 جون تائين ڪراچي، حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو الهيار ۽ ميرپورخاص ضلعن ۾ 60 کان 80 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان تيز هوائن لڳڻ ۽ گجگوڙ سان تيز وسڪاري جو امڪان آهي. پاڪستان جي موسميات کاتي خبردار ڪيو آهي ته، طوفان سان گڏ 8 کان 10 فوٽ بلند لهرون ساحليءَ پٽيءَ سان ٽڪرائجي سگهن ٿيون. مهاڻن کي سمنڊ ۾ وڃڻ کان روڪيو ويو آهي، جڏهن ته سوين مهاڻا اڃا تائين کليل سمنڊ ۾ موجود آهن.

موسمي تبديليءَ جتي گرمي پد وڌايو آهي، اتي دنيا ۾ پُونءِ-ڪنب ۽ ساموندي طوفانن جي سلسلي کي به تيز ڪري ڇڏيو آهي. عربي سمنڊ، جيڪو دنيا جو مانو ۽ پرسڪون سمنڊ سمجهيو ويندو هو، ان ۾ به مختلف وقتن تي هيجان برپا ٿيندو رهيو آهي. 19 مئي 1999ع تي آيل ساموندي طوفان ٺٽي ۽ بدين جي ساموندي پٽيءَ ۾ تمام وڏو نقصان ڪيو. هزارين ماڻهو مري ويا ۽ گم ٿي ويا. سوين ڳوٺ اهڙي نموني ميسارجي ويا، ڄڻ ته اتي انساني آبادي رهندي ئي نه هئي. لکين معصوم پکي ختم ٿي ويا. سوين هوڙا، جيڪي سمنڊ ۾ ويل هئا، اهي نه هوڙا تڙن تي آيا ۽ نه ئي گهاتو گهرن ڏي موٽيا. جڏهن طوفان جو زور ٽُٽو ته سوين ماڻهن جا لاش وڻن تي ٽنگيل مليا. 24 سال اڳ آيل ان تباهيءَ جو تصور ڪندي ئي لُڱ ڪانڊارجي ٿا وڃن. هن ڀيري وري به سنڌ جي ساموندي پٽي طوفان جي نشاني تي آهي پر ان سڄي معاملي کي سنڌ انتظاميا سنجيده نه پئي وٺي. ان کي رڳو الرٽ جاري ڪرڻ تي زور آهي. اسان سمجهون ٿا ته صرف الرٽ جاري ڪرڻ ئي ڪافي نه آهي. ساموندي پٽيءَ جي ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ انتظاميا جو فرض آهي. ماڻهو اڃا تائين ان امڪاني تباهيءَ کان بيخبر آهن. پي ڊي ايم طرفان به ڪنهن امڪاني هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي تياري نٿي ڏسجي. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ بل بورڊز سبب گهڻو نقصان ٿي سگهي ٿو. گهڻين امڪاني برساتن سبب اڳواٽ نالن جي صفائي نه ٿي سگهي آهي. توڙي جو طوفان جو الرٽ ته گهڻا ڏينهن اڳ جاري ڪيو ويو هو، پر انتظاميا نه بل بورڊز هٽرائي سگهي آهي ۽ نه ئي ٻيا اپاءَ ورتا ويا آهن. امڪاني برسات دوران پاڻيءَ جي نڪاسيءَ جي لاءِ انتظام ٿيڻ گهرجي.
قدرتي آفتون دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به اچن ٿيون پر اتي جي انتظاميا جي اها ڪوشش هوندي آهي ته ان قدرتي آفت جا عوام تائين هاڃيڪار اثر گهٽ پهچن. پر اسان جي منتظمين جي انتظامي ادا ئي 'اور' آهي. قدرتي آفتن واري موسم هتي جي انتظاميا لاءِ منافعي بخش موسم آهي. ڪمائيءَ جي موسم هوندي آهي.
ساموندي پٽيءَ سبب سڄي سنڌ ۾ 'بائپر جواءِ' جو شديد خوف ۽ ڌڪاءُ آهي. ويتر ان ڌڪاءَ ۾ اضافو حڪومت جي اڻپورن انتظامن ۽ پي ڊي ايم اي جي غير ذميواريءَ سبب ٿيو آهي. هن وقت ماڻهن کي ساموندي پٽيءَ جي ڳوٺن مان ترت محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جي ضرورت آهي، جنهن ڪم لاءِ فوج کان به مدد وٺي سگهجي ٿي. موسميات کاتي جي به اها ذميواري بڻجي ٿي ته اهو ماڻهن کي وقت بوقت ساموندي طوفان جي صحيح صورتحال کان آگاهه ڪندو رهي، پر اجائي سنسني نه پکيڙي وڃي. حيسڪو ۽ ڪي-اليڪٽرڪ اختيارين کي به پابند ڪيو وڃي ته بجليءَ جي فراهميءَ ۾ تعطل نه اچڻ کپي، چو ته گٽرن ۽ برساتي پاڻيءَ جي نڪاسي ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي بجليءَ جي بنا تعطل فراهميءَ تي آڌاريل هوندي آهي. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد سميت مختلف شهرن مان بل بورڊز هٽرايا وڃن.

طوفان اڃان ته پري آهي ..!!

اعجاز منگي

"ڪجهه واءُ لڳي، وڻ ڏوڙي ٿو
۽ ڇڻ ڇڻ پن ڪِرڻ ٿا پيا
آ ڪڙڪڙ، ڪڙڪڙ ڇڪڙي ۾
پر ڦيٿا پوءِ به ڦرڻ ٿا پيا
طوفان اڃان ته پري آهي"

شيخ اياز جو نهايت اڳاٽو ۽ نظرانداز ٿيل هي نظم، ملڪ جو موجوده منظر پيش ڪري رهيو آهي.

هن آرٽيڪل جو مک موضوع عربي سمنڊ جي لهرن تي سوار اهو طوفان ناهي، جنهن کي "بائپرجوئي" جو نالو ڏنو ويو آهي. اهو طوفان جيڪو هن مهل تائين پنهنجو ٽارگيٽ پڌرو نه ڪري سگهيو آهي ته اهو عمان طرف ويندو يا گجرات مٿان گجندو هڪ امڪان هي به آهي ته اهو طوفان ڪراچيءَ کان بدين تائين سنڌ جي ساحلي پٽيءَ مٿان مارو ڪندو. سنڌ سرڪار جي انتظاميا ميار لاهڻ لاءِ اڳواٽ الرٽ به جاري ڪري ڇڏيو ۽ ساموندي ايريا ۾ قلم 144 به لاڳو ڪري ڇڏيو جڏهن ته طوفان ڪڏهن به ۽ ڪنهن به قانون جي پابندي نه ڪندو آهي. پوءِ اهو طوفان فطرت جي سسٽم مان جنم وٺي يا اهو طوفان انسان جي امنگن ۽ جذبن مان اٿي تاريخ جي پوري رخ کي تبديل ڪري ڇڏي. دنيا ۾ قانون ان ڪري به جوڙيا ويندا آهن ته جيئن اهي بغاوتن جا طوفان روڪي سگهن، پر جڏهن به طوفان ۾ پوري شدت پيدا ٿيندي آهي، تڏهن تاريخ جي اکين ڏٺو آهي ته قانون جا ڪاغذ وڻن جي سڪل پتن وانگر انهن جو استقبال ڪندي اڏامندا آهن. اسان جو ملڪ هن مهل تائين طوفانن کان محفوظ رهيو آهي. جيتوڻيڪ ڪيترائي ساموندي طوفان بحيرهءِ عرب مان اٿيا ۽ انهن ڪراچيءَ سميت سنڌ جي ساحلن سان سر به ٽڪرايا پر پوءِ به اهي اهڙو نقصان نه ڪري سگهيا، جنهن جو امڪان ويچاريو ويو هو جڏهن ته اها به هڪ حقيقت آهي ته انساني تاريخ "طوفان" لفظ کي ان تيز هوا تائين محدود نه رکيو آهي، جيڪا فطرت جي قانون مطابق پيدا ٿيندي آهي. سائنس اهو به تسليم ڪري ٿي ته جيڪي طوفان انسان جي لاءِ اهنج جو سبب بڻجن ٿا، اهي هن ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ تي موجود زندگيءَ جي ٻين روين سروين لاءِ تمام گهڻا ضروري هوندا آهن. اهوئي سبب آهي ته افريقا واري "صحارا" نالي صحرا مان واريءَ جا وڏا طوفان ان لاءِ اٿندا آهن ته اهي برازيل تائين پهچي انهن ايمازون ٻيلن کي ٻل ڏين. جيڪي هن مهل تائين نباتاتي نظام جو سڀ کان سهڻو ۽ حيران ڪندڙ حصو آهن. پر انسان هن مهل تائين اها سچائي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ته ڪڏهن حقيقت ۽ ڪڏهن هڪ خيال محسوس ٿيندڙ هيءَ ڪائنات صرف هن جي لاءِ تخليق نه ٿي آهي. هن جنهن عقل جي سهاري ڌرتيءَ تي قبضو ڪري فطرت جي توازن کي تهه و بالا ڪيو آهي، جيڪو ڌرتيءَ جي فطري چمار کي گهٽائڻ واري مهم ۾ مصروف آهي. اهو فطرت جي طاقت آڏو ڪجهه ڪونهي ۽ هن جو نظام جهرڪيءَ جي آکيري کان به ڪمزور آهي.
اهوئي سبب آهي ته اياز ٿي لکيو آهي:
"اتر ڪان طوفان اچي ٿو
آڱا ٻانهو ٻڌي ڏکن ٿا
ڏسجي ڪير بچي ٿو!"
سوا ٻاڻ ڳالهه پئي ڪئي سين ته طوفان صرف هڪ قسم جا نه هوندا آهن. طوفان فقط وڏن ۽ پوڙهن وڻن لاءِ پيغام اجل بڻجي نه ايندا آهن. طوفان صرف ان لاءِ پيدا نه ٿيندا آهن ته اهي اڱڻ ۾ ڪنڙن ۽ ڪڪڙن سان کيڏندڙ ٻارن لاءِ موت جي آغوش بڻجي وڃن. طوفان صرف اهي ته نه هوندا آهن، جن سبب جهڳا جهڻ ٿي وڃن. جن ڪري مصنوعي بند ڀڄي پون ۽ پاڻي پرلءَ جي صورت اختيار ڪري وٺي. طوفان صرف اهي ناهن، جن هن مهل تائين انسانن جي گهرڙن جو چتيون چيهون ڪيون هجن ۽ انهن جا ٻار ۾ ترندڙ ٻيڙا ٻوڙيا هجن. طوفان تمام گهڻن قسمن جا هوندا آهن.

گذريل ڏينهن ٻهرين وفاقي حڪومت ۽ پوءِ سنڌ سرڪار بجيٽ پيش ڪئي ۽ معاشي ماهرن جو خيال هو ته ان بجيٽ کان پوءِ مهانگائيءَ جو طوفان ايندو جڏهن ته انهن سان ان خيال تي ڀرپور اختلاف رکڻ جي ضرورت آهي. انهن کي سمجهڻ گهرجي ته مهانگائيءَ جو طوفان تمام گهڻي وقت کان وٺي هلي رهيو آهي. البته پيش ٿيل بجيٽ ان جي شدت ۾ اضافي جو باعث بڻبي. ملڪ ۾ مهانگائيءَ جو طوفان ڪافي وقت کان هلندڙ آهي. ان طوفان کي نظر ۾ رکي اڪثر اهو به چيو ويندو آهي ته "پاڪستان ڊِي فالٽ" ڪرڻ وارو آهي. ان ڊي فالٽ ڪرڻ جو مطالب اهو هوندو آهي ته معاشي طور تي هڪ ملڪ ڏٿي وٺي ويهي. معنيٰ مخصوص ملڪ جو معاشي نظام ويهجي وڃي. جڏهن ته نه صرف ڪامريڊ ڪارل مارڪس پر استاد ايڊم سمٿ به ان سوچ سان سهمت آهي ته انساني معاشرا معاشيات سبب هلن چلن ٿا. جيڪڏهن معاشي وهنوار رڪجي وڃي ته معاشرا موت جي هنج ۾ هليا وڃن. چو ته انساني ارتقاءَ ۾ اقتصادي سفر جو اهم ڪردار آهي. انسان جو انسان سان تعلق معاشي مفادن سبب پيدا ٿيل آهي. ان کي ختم ڪرڻ نه صرف تمام گهڻو مشڪل پر خطرناڪ به آهي. ان ڪري چون ٿا ته ملڪن کي هاڻي خوني انقلاب نه پر اهي ارتقائي انقلاب گهرجن. جيڪي پرامن واٽ مٿان ڇهل قدميءَ جي صورت ۾ هلندا ايندا آهن. اهي پرامن انقلاب هن مهل تائين يوٽوپيا جي تصوراتي دنيا جي رنگ برنگي دونهين ۾ رهن ٿا. انهن جو ظهور هن مهل تائين زماني جي اکين آڏو نه آيو آهي. انسانن ته صرف وڌيڪ معاشي مشڪلاتون ڏٺيون آهن. اهي معاشي مشڪلاتون جن ۾ "ڪورونا" جهڙيون عالمي وبائون اهو ڪردار ادا ڪن ٿيون. جيڪو ڪردار ڦٽن مٿان لوڻ جون لپون ادا ڪنديون آهن هن وقت معاشي مصيبت جي شدت جي تهمت ڪورونا مٿان ائين عائد ڪئي پئي وڃي، جيئن شيڪسپيئر جي جڳ مشهور ناٽڪ "اوٿيلو" جي آخري سين ۾ اوٿيلو پنهنجي خوبصورت ۽ خوب سيرت ۽ باوفا زال کي شڪ جي بنياد تي گهٽو ڏئي قتل ڪري ٿو ۽ جڏهن ڊيسڊمونا جي موت کان پوءِ محل جي ڪنيز اوٿيلو کي اصل حقيقت ٻڌائي ٿي ته هو عاليشان محل جي اڏامندڙ ريشمي پردن جي پريان چوڏهين رات جي پوري چنڊ طرف تڪيندي چوي ٿو ته، "سمورو ڏوهه چنڊ جو آهي. جي حسين چنڊ. ڌرتيءَ جي ايترو ته ويجهو اچي وڃي ٿو جو انسان پنهنجو هوش وڃائي ويهي ٿو."
ڪورونا جي مٿان تهمت مڙهڻ کان بهتر آهي ته هي عالمي سرمائيداري پنهنجي ان نظام جو نئين سر جائزو وٺي. جنهن جا واعدا سدائين ڪوڙا ثابت ٿيا آهن اها ساڳي سرمائيداري هئي، جنهن پوري جڳ جي انسانن سان اهو تاريخي وچن ڪيو هو ته قومن جي غلاميءَ ۽ طبقن جي غربت جو سبب سوشلسٽ نظام آهي. جنهن ڏينهن ڪميونزم جو خطرو ختم ٿي ويو، تنهن ڏينهن انسان ذات جا اهي سمورا خواب پورا ٿيندا. جن کي آرٽ ۽ ادب ۾ ڀرپور طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي. پر جڏهن سوشلسٽ بلاڪ ڀڄي پورا ٿيو ۽ دنيا مٿان بقول مارڪس، لامارا ڏيندڙ ڪميونزم جو ڀوت باقي نه بچيو ته پوءِ ڇا ٿيو؟ ڇا محڪوم قومن ۽ مظلوم طبقن جي جهول ۾ تاريخي انصاف پيو؟ اسان ته صرف ڏکڻ آفريڪا کي ان نسل پرستيءَ واري نظام مان آجو ٿيندي ڏٺو جنهن جي اهڙي صورتحال تي مشهور ناول نگار ايلن پاٽون پنهنجو تمام گهڻو پڙهيو ويندڙ ناول "روءِ منهنجا محبوب ملڪ" (Cry the Beloved Country) لکيو هو نيلسن منڊيلا کي ڀرپور پيٽا پيش ڪري ڏکڻ آفريڪا کي گورن ۽ ڪارن جي گڏيل هٿن ۾ ارپي، ان سوشلزم مٿان تبرن نما تبصرا ڪيا ويا. جنهن جي حوالي سان چيو پئي ويو ته ڏکڻ آفريڪا جي آزاديءَ لاءِ سوشلزم جو موت لازمي هو جڏهن ته حقيقت ائين نه هئي!!
انساني تاريخ ۾ هڪ وقت اهڙو به هو جڏهن دليون ان طوفان جي تمنا ۾ رقص جي صورت ڌڙڪنديون هيون. جنهن طوفان کي عرف عام ۾ انقلاب ڪوٺيو ويندو هو اهڙو طوفان، جهڙي طوفان جو تعارف فيض احمد فيض انهن لفظن ۾ پيش ڪيو هو ته:
"طوفان به دل هي هر ڪوئي دلدار ديکنا
گل هو نه جائي شمع رخسار ديکنا"
اهو دور ان مست محفل وانگر پنهنجي اختتام تي پهتو جنهن دور جي هڪ حقيقت ساڳي غزل جي ان شعر ۾ شامل آهي ته:
"جب تک نصيب ٿا، تيرا ديدار ديکنا
جس سمت ديکنا، گل و گلزار ديکنا"
هاڻي ته اسان کي اهو چوندي به تمام گهڻي تڪليف مان گذرڻو ٿو پوي ته:
"ڦرهم تميز ماه و سال ڪر سکين
يه ياد يار ماضي ادهر اک بار ديکنا"
سوا اهو وقت گذري ويو جنهن وقت انهن دلين ۾ طوفان جي تمنا اڪيرو اڏيندي هئي. جن دلين سان انهن دماغن جي دوستي هئي. جن دماغن ۾ تبديلين جا شعلا ائين روشن رهندا هئا. جيئن فيض چوائي "آهنگر جو دوڪان" ۾ لطيف جي لفظن ۾:
"ڏئون ڏئون ڏمڻ وار، اچ پڻ اڳرين جي
پاري مچ مجاز جو اوتيائون اڱار
ڏوڏيا ٿيءُ مَر ڏار، جر ڪچو رک ڪٽيون ٿئي"
پر هاڻي نه اهي مچ رهيا ۽ اهي ماڻهو جيڪي سرڪش سوچ جون ڪانيون سوريندا رهندا هئا.
هڪ طوفان جو حشر اسان هن وقت به ڏسي رهيا آهيون. جيڪو طوفان ڪپتان جي ڪافيءَ واري ڪوپ ۾ جام جهڳي ڪندو هو اهو طوفان هن مهل زمان پارڪ ۾ ٽتل ٽارين ۽ پڳل پريل ڪوندين سان انهن مستن کي ساري رهيو آهي. جيڪي ڪجهه ڏينهن جي جيلن جو ڊر ڏسي ڏيڍرن جيان ڏرن ۾ هليا ويا آهن. اهو طوفان. جنهن کي ڪپتان سونامي‌ءَ جو نالو ڏيندو هو سو پنهنجو رخ ان ڪري ڦيرائي ويو چو ته ان "آرٽيفيشل ۽ ويل ڪنٽرولڊ" (Artificial and Well controlled) طوفان کي تيار ڪندڙن جا پنهنجا رخ ۽ پنهنجون رمزون تبديل ٿي ويون.
سوا بقول اياز، اهو طوفان پري آهي. چو ته جهڙي تهڙي حال ۾ هي ملڪ اڃان تائين هلي رهيو آهي. جيتوڻيڪ هن ملڪ کي هلائڻ ۾ هن وقت حڪمرانن کان وڌيڪ اهم ڪردار ان عوام جو آهي، جيڪو عوام پڪين کان ٻهرين اٿي ٿو پر پوري ڏينهن جي محنت مشقت کان پوءِ به هن جي ڇهنب کي ايترو چوٿو نصيب نه ٿو ٿئي جو هو ۽ هن جا ٻچڙا پنهنجي ڳجي ڀري سڪون سان سمهي سگهن.
طوفان جي تمنا ڪرڻ به تمام وڏي ڳالهه آهي پر طوفان صرف تمنائن سان نه ايندا آهن. خاص طور تي اهڙا طوفان، جهڙن طوفانن جي لاءِ سوريلي مصور ۽ شاعر سلويڊور ڊاليءَ لکيو آهي ته:
"طوفان اچي رهيو آهي
۽ سمنڊ پنهنجي آرڪيسٽرا تيار پيو ڪري".

اڃا تَنُوران، ڪالهه ڪڍيائون سڄڻين:
پڻ تاپائون تڪڙو، وحدت جي وَڏان:
محبتين مٿان، مڄ مُورائين نه لهي!

تماشگاهه بنگلاديش جي معاشي ترقيءَ جي ڪامياب ڪهاڻي

عل حسن

بنگلاديش جو سفارتڪار ايس ايم محبوب عالم خميس واري ڏينهن حيدرآباد آيو هو ۽ هن پنهنجي مصروف شيڊيول ۾ ايوان صنعت ۽ تجارت، ٽنڊين صنعتن جي ايوان تجارت ۾ واپارين ۽ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ صحافين سان ملاقاتون ڪيون. بنگلاديشي سفارتڪار پنهنجي ڊگهي گفتگو ۾ پنهنجن ٻڌندڙن کي بنگلاديش ۾ ٿيندڙ معاشي ترقي بابت ٻڌايو مٿا مٿا جي ناٽي جي ذخيرن، تعليم جي شرح، تعليمي ادارن، دريائن تي پلين، هارين کي ڏنل سهولتن وغيره جي باري ۾ هن تفصيل سان آگاهه ڪيو. سندس چوڻ هو ته حڪومتن جي منصوبابندي جي ڪري ئي بنگلاديش ۾ نظر ايندڙ ترقي ممڪن ٿي آهي. جنهن جي ڪري روزگار جي وسيلن ۾ واڌ ٿي آهي ۽ والدين ان قابل ٿيا آهن جو پنهنجن ٻارن کي اسڪولن ۾ موڪلي سگهن. هن ٻڌايو ته سندس ملڪ ۾ اڄ 120 يونيورسٽيون ۽ 117 ميڊيڪل ڪاليج آهن. جيڪي 1971ع ۾ صرف 5 يونيورسٽيون هيون ۽ 2 ميڊيڪل ڪاليج هئا. بنگلاديش ۾ هر 10 سالن جي منصوبابندي ڪئي ويندي آهي. جنهن کي هو ويزن جو نالو ڏيڻي رهيو هو پاڪستان جي معاشي ترقي ۾ ڏهه ساله رٿابندي تي عملدرآمد معجزو ڪري ڏيکاريو هو جنهن کي پوءِ ختم ڪيو ويو.
محبوب عالم پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۾ الحمد الله، ماشاء الله، انشاء الله وارا لفظ گهڻا استعمال ڪيا ۽ ڳالهه ٻولهه جي شروعات اسلام عليڪم و رحمت الله سان ڪيائين. جيڪا ڳالهه مون وڌيڪ محسوس ڪئي، سا اها ته هن بنگلاديش جي ترقي جي ڪهاڻي ۾ 1971ع جو بار بار ذڪر ڪيس جنهن مان هن جو مقصد اهو ٻڌائڻ هو جو 1971ع ۾ سندس ملڪ ۾ ڪجهه به نه هو. هو جيڪا ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هو اها ان ريت هئي، جيئن پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ پاڪستان جي معاشي ترقي جو ذڪر ڪندي پاڪستاني 1947ع واري وقت بابت ٻڌائيندا هئا. بنگلاديش ۾ جنهن ترقيءَ جو هو ذڪر ڪري رهيو هو پاڪستان ان جهڙي ترقي جي سفر مان 50 سال اڳ گذري چڪو هو اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄ پاڪستان جڏهن ماضيءَ ڏانهن مڙي نهاري ٿو ته ان جي عوام کي روئڻ اچي ٿو ته ان جي حڪمرانن ان ترقي کي ڪيئن نه غير ذميوارائي انداز ۾ ضايع ڪري ڇڏيو.
بنگلاديش جي ڪهاڻي ٻڌي لڳي ٿو ته بنگلاديش ترقيءَ ۾ پاڪستان کان پنجاهه سال اڳتي آهي. انهن کي اها شڪايت هئي ته 1971ع ۾ بنگلاديش، جيڪو ان وقت اوڀر پاڪستان هو ۾ رستا ٽتل هئا، درياهه پلن کان محروم هئا ۽ ٻيون به تمام گهڻيون شڪايتون. وڏن شهرن کان علاوه ننڍن شهرن ۾ اسڪول ۽ تعليمي ادارا موجود ٿي نه هئا. عوامي ليگ انهن محرومين کي ئي پنهنجي سياسي ۽ چونڊ مهم جو بنياد بڻايو هو.
اڳوڻي اوڀر پاڪستان ۾ عوامي ليگ پاڪستان کان آزاديءَ جي جدوجهد ڪئي هئي، جنهن ۾ تمام گهڻي جاني نقصان سان گڏوگڏ پاڪستان کي به جيڪا رسوائي ڪٽڻي پئي هئي، اها ڀارت جي فوج جي سامهون هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي رسم هئي ان سان گڏوگڏ ٿي ڊاڪا ۾ پاڪستاني جهنڊو جهڪي ويو هو ۽ پاڪستان به ٽڪر ٿي ويو هو. پاڪستان ان وقت دنيا جو سڀ کان وڏو اسلامي ملڪ هو ان تلخ واقعي ڪانپوءِ اهو پنجين نمبر تي اچي ويو آهي. اڳوڻي اوڀر پاڪستان ۾ ان وقت جي پاڪستاني حڪمرانن قومي اسيمبلي ۾ گهڻين سيٽن تي ڪاميابيءَ باوجود عوامي ليگ کي اقتدار منتقل ڪرڻ ۾ ڳوٺات کان ڪم ورتو هو. اهي چو اهو اندازو ڪري نه سگهيا هئا ته ڀارت پاڪستان قائم ٿيڻ کان وٺي به قومي نظرئي جو شديد مخالف هو ۽ پاڪستان سان ننڍيون وڏيون ڪيتريون ئي جنگيون وڙهي چڪو هو اوڀر پاڪستان ۾ آباديءَ جو هڪ گروهه ڀارت سان همدردي رکندو هو ان ئي گروهه پنهنجو ڪم ڏيکاريو ۽ پاڪستاني حڪمران غافل رهيا. بنگلاديش جو ٺهڻ پاڪستاني اختيارين جي غفلت ۽ فيصلي ڪرڻ ۾ ديروارا حربا استعمال ڪرڻ ۽ سستي جو مظاهرو هو جنهن پاڪستان کي نقصان پهچايو عوامي ليگ کان وڏي غلطي اها ٿي ته ان جي قيادت 1970ع جي چونڊ مهم دوران پنهنجي سموري قوت اوڀر پاڪستان تي لڳائي ۽ اولهه پاڪستان تي توجهه نه ڏني. ان ٻنهه ٽورا اميدوار اولهه پاڪستان (موجوده پاڪستان) ۾ پڻ بيهاريا هئا پر اهي ناڪام رهيا. جڏهن حڪمران عوامي ليگ کي اقتدار منتقل نه ڪري رهيا هئا ته اولهه پاڪستان ۾ سياسي جماعتون به حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ ۾ ناڪام رهيون. ان جي ڪري ئي حڪمرانن کي جيڪو مرضي ۾ آيو اهو انهن اوڀر پاڪستان ۾ ڪيو.
بنگلاديش سڄي ملڪ ۾ دريائن تي جيڪي به پلون ٺاهيون آهن. اهي پنهنجن وسيلن مان ٺاهيون آهن. بنگلاديشي حڪومت تعليم تي گهڻو زور ڏنو آهي ۽ اهڙي طرح حڪومت عورتن جي تعليم ڪانسواءِ انهن کي هنرمندي جي ڪمن سان سلهاڙيو آهي. اهي ان ئي رٿابندي جو ڦل کائي رهيا آهن. بنگلاديش ۾ اڄ پرڏيهي مٽاسٽا جي ناٽي جا ذخيرا 2800 ارب ڊالر آهن. جي ڊي پي 8 سيڪڙي کان وڌي وئي آهي. جيڪا سفارتڪار موجب، جلد ئي ٻن ڊجٽس ۾ اچي ويندي. هو فخر سان ٻڌائي رهيو هو ته چين ۾ سندس ملڪ جو روانگي واپار ٿي سندن ترقي جو بنيادي سبب آهي. هن اهو ٻڌايو ته سڄي دنيا ۾ سندن گارمينٽس جو پنهنجو مقام آهي پر حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته گارمينٽس ۾ استعمال ٿيندڙ خام مال، جيڪو ڪاٽن جو ڌاڳو آهي، اهو پاڪستان مان گهرايو ويندو آهي. سمورن دريائن تي تمام گهڻيون پليون تعمير ٿيل آهن. هو ٻڌائي رهيو هو ته بنگلاديش سڄي دنيا جي ملڪن سان دوستاڻا لاڳاپا رکي ٿو ۽ اهو ئي ان جي ترقيءَ جو راز آهي. هو بار بار پاڪستاني صنعتڪارن کي بنگلاديش ۾ سيڙپڪاري جو دعوت ڏيئي رهيو هو سندس چوڻ هو ته جتي اسان جا ڀارت سان سٺا لاڳاپا آهن. اتي پاڪستان سان به سٺا تعلقات آهن. اسان جي لاءِ آمريڪا ۽ چين ٻئي برابر ملڪ آهن. ٻنهي ملڪن سان بنگلاديش به طرفا لاڳاپا رکي ٿو آمدني ۽ روانگي واپار ڪري ٿو هن چيو ته بنگلاديش جي ترقي ۾ ان جي عوام جو ڪردار آهي. سندس چوڻ هو ته اسان جا ماڻهو محنتي، مخلص ۽ ايماندار آهن. اهي ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿا ۽ انهن جي ڪري ئي موجوده ترقي ممڪن ٿي سگهي آهي.

بقايا 01 ***

موسميات کاتي موجب طوفان جتان کان به گذري رهيو آهي اتي ساموندي لهرون 30 کان 40 فوٽ تائين اوچيون آهن. طوفان سبب هوائون 180 کان 200 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي رهيون آهن پي ڊي ايم موجب بائپر جواءِ طوفان جو رخ ڪراچي طرف آهي. ساموندي طوفان شهر کان 690 ڪو ميٽر پري آهي. ٺٽي جي اوڀر ۾ 670 ۽ اوماڙه جي ڏکڻ اولهه ۾ 720 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي. طوفان 14 جون تائين اتر طرف وڌي رهيو آهي. امڪان آهي ته 14 جون تي طوفان جو رخ ڏکڻ سنڌ ڪيٽي بندر طرف ٿي سگهي ٿو اختيارين موجب سنڌ جي ساموندي پٽي کي خطرو ٿي سگهي ٿو موسميات کاتي امڪان ظاهر ڪيو آهي ته 15 جون تي طوفان ڪيٽي بندر گجرات جي وچ ۾ ڪنهن به جڳهه سان ٽڪرائجندو. موسميات کاتي خبردار ڪيو آهي ته اڄ کان ڪراچي ۾ طوفان جا اثر نظر اچڻ شروع ٿي ويندا. ڪراچي ۾ هيٽ اسٽروڪ جي صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي. 13 جون کان 16 جون وچ ۾ ڪراچي ۾ برسات جو امڪان آهي.

بقايا 02 ***

تعاون ڪن جڏهن عدالت اعظميٰ غير معقولات پراپرٽي لاڳو 100 سيڪڙو ٽيڪسون نفاذ خلاف درخواستن تي ٻڌائي ڪئي عدالت اعظمي 100 سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪرڻ تي ايف بي آر جي سزا رد ڪندي فريقن کي غير منقولا جائدادن تي 15 سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو چيف جسٽس چيو ته هن ٽئين ٽيڪس سسٽم جي خامي کي ڏسڻو پوندو وڌيڪ ماڻهن کي ٽيڪس نيٽ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪريڊيشن ڪرڻو پوندو عدالت جيڪو ڪجهه به ڪرڻو آهي اهو آئين مطابق ڪن ايف بي آر جي ميمبر ليگل ٻڌايو ته هي معاملو اربن جو آهي عدالت حڪم جاري ڪيو ته باقين سان گڏ زيادتي ٿيندي ٽيڪس پاليسي تي اهڙا رليف ملڻ شروع ٿي ويا ته مشڪلاتون وڌنديون چيف جسٽس چيو ته سئو سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪرڻ گهرجي ته عدالت کي ڪو به اعتراض نه آهي.

بقايا 03 ***

کان شروع ٿيندڙ اڳئين مالي سال ۾ چين کان سوين هائبرڊ بسون خريد ڪندا گوادر پرو سان ڳالهه ٻولهه ڪندي سنڌ جي وزير اطلاعات ٽرانسپورٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته صوبي کي عوام جي سهولت جي ڪلاءِ بسن جي ضرورت آهي اسان ويجهڙائي ۾ چين کان بسون خريد ڪيون آهن ۽ هو ڪافي ايندڻ جون بچت ٿيون ڪن اسان ايندڙ مهيني ۾ وڌيڪ بسون وٺڻ جو ارادو رکون ٿا ميمڻ ان ڳالهه تي به زور ڏنو ته سنڌ حڪومت ۾ ٽرانسپورٽ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته چيني بسون فائديمند رهنديون ۽ اسان کي اميد آهي ته چيني ٽيڪنالوجي کان وڌيڪ فائدو کڻبو وڃي ان کان ٻهريان سنڌ حڪومتر مالي سال 24_2023 جي صوبائي بجيٽ ۾ 500 هائبرڊ بسون خريد ڪرڻ لاءِ 10 ارب رپيا مختص ڪيا وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه چنچر تي صوبائي بجيٽ پيش ڪندي صوبائي ٽرانسپورٽ محڪمي لاءِ سيائي 13.4 ارب رپيا مختص ڪرڻ جو اعلان انهن ٻڌايو ته 6.1 بلين رپيا انفراسٽرڪٽ پيپلز بس جي لاءِ 2 بلين انفرااسٽرڪچر جي بحالي لاءِ مختص ڪيا ويا آهن حڪومت ٽون رولز لاءِ 600 ملين رپيا مختص ڪيا آهن سنڌ سيڪريٽريٽ جي ملازمن جي سهولت لاءِ آئينده سال کان 3 نوان روٽ متعارف ڪرايا ويندا وزيراعليٰ سنڌ سيد مرادعلي شاهه جو جيڪو وزير خزانه به آهن سنڌ اسيمبلي ۾ مالي سال 24_2023 جو بجيٽ پيش ڪيو سنڌ اسيمبلي جي بجيٽ مراد علي شاهه جو وزير خزاني به آهي سنڌ اسيمبلي ۾ مالي سال 24_2023 جي بجيٽ پيش ڪئي وزيراعليٰ مرادعلي شاهه اعلان ڪيو ته صوبي جي بجيٽ 2.2 ٽرلين رپيا لڳايا ويا آهن.

بقايا 04 ***

پنجاب ۾ احتجاج جي معاملي تي حڪومت ٽي ايل پي سان ڳالهين جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جي لاءِ گهرو وزير جي سربراهي ۾ جوڙيل ڪميٽي ٽي ايل پي سان ڳالهيون ڪندي پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت واري دور ۾ تحريڪ لبيڪ کي ڪالعدم قرار ڏنو ويو هو ۽ 15 اپريل 2021 تي ان حوالي سان هڪ نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو جنهن ۾ ٻڌايو ويو هو ته دهشتگردي جي خاتمي واري ايڪٽ 1997 جي تحت ٽي ايل پي کي ڪالعدم قرار ڏنو ويو پي ٽي آءِ حڪومت تحريڪ لبيڪ تي پابندي لاڳو ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو هو جنهن جو سبب ملڪ ۾ ان وقت ٿيندڙ احتجاج ۽ ڌرڻا هئا جنهن ۾ ٽي ايل پي ڪارڪنن ۽ پوليس وچ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڇڪريون پڻ ٿيون هيون. تحريڪ لبيڪ طوفان گهرو سيڪريٽري کي درخواست ڏني وئي هئي جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو ته تحريڪ لبيڪ دهشتگرد تنظيم نه آهي پر اليڪشن ڪميشن ۾ رجسٽرڊ سياسي پارٽي آهي.

بقايا 05 ***

ٻڌل ٽيمون ٺاهيون ويون آهن. هن وقت سڀ کان اهم علائقن مان ماڻهن کي ڪڍڻ آهي. هن چيو ته شاهه بندر، سجاول ۽ چوهڙ جمالي تائين ساموندي طوفان جو پاڻي اچي سگهي ٿو ۽ اتان جي ماڻهن کي ڪڍڻ لازمي آهي. هاڻ اسان ماڻهن کي درخواست ته ڪنداسين پر مطالبو ڪنداسين. چو ته ماڻهن طرفان مزاحمت ٿي رهي آهي، سندس چوڻ هو ته ايڏي وڏي آبادي کي ڪڍڻ سولو ڪم ناهي پر اسان پنهنجو هوم ورڪ ڪري ڇڏيو آهي. سجاول جي تعلقي جاتي، شاهه بندر، ڪاري چاڻ، ڪيٽي بندر، گهوڙا ٻاري مان ماڻهن کي ڪڍڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي.
مراد علي شاهه چيو ته طوفان سبب ڪراچي ۾ اڌ ڪلاڪ ۾ 60 ملي ميٽر تائين برسات ٿي سگهي ٿي. جيڪا ڪلائوڊ برسٽ جهڙي صورتحال پيدا ڪندي. ان حوالي سان اسان بل بورڊ هٽائڻ جو ڪم شروع ڪيو آهي. ٻن ڏينهن لاءِ اڏاوتي ڪم بند ڪيو پيو وڃي. وڏي وزير چيو ته ڪراچي ۾ 70 انتهائي خطرناڪ عمارتون به شامل آهن. جن مان ماڻهن کي ڪڍڻ جو منصوبو ٺاهيو پيو وڃي. جڏهن ته ابراهيم حيدري مان به ماڻهن کي ڪڍي رهيا آهيون. هن شهرين تي زور ڏنو ته برسات دوران اهي غير ضروري طور گهرن مان نه نڪرن ۽ خاص طور تي انهن علائقن ۾ ماڻهو نه نڪرن، جتي روڊن جي کوٽائي ٿيل هجي. ان کان اڳ مراد علي شاهه سجاول، بدين ۽ ٺٽي جي ساموندي پٽي جو فضائي معائنو ڪيو ان موقعي تي مڪاني ادارن وارو وزير ناصر شاهه ۽ چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت به ساڻس گڏ هئا.

بقايا 06 ***

ماڻهو به هيڏي هوڏي ٿي ويندو. 3 گرفتار آهن. انهن کي به چونڊ واري ڏينهن پيش ڪنداسين. حافظ نعيم ڪنيو ته مان ڪيس گلن جو هار پارائيندس سندس چوڻ هو ته ڪراچي جي چونڊن ۾ جماعت اسلامي جي ڪارڪردگي ڏيکاريو؟ پ پ هر اليڪشن ۾ ڪٽي آهي. 15 جون جي رات پ پ جشن ملهائيندي، ساموندي طوفان ته آيو ته سي ويو ٿي جشن ڪنداسين.

بقايا 07 ***

رشيدان. 11 سالن جو عرفان احمد ۽ 55 سالن جو پيرسن محمد يوسف ذات جا سڀ ننڌواڻي شامل آهن ڪنڊڪوٽ اناج منڊي جي پر ساڻي موڙ وٽ ٻوهه سان ڀريل ٽرڪ ڪلٽي. ٻوهه سان ڀريل ٽرڪ رڪشي ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن مٿان ڪلٽي نتيجي ۾ ننڌواڻي برادري سان تعلق رکندڙ هڪ ئي خاندان جا پنج ڀاتي فوت اسپتال ۾ روح رازو وارثن ٻاران اسپتال انتظاميا خلاف ميڊيا آڏو علاج ۽ سهولتن نه هجڻ جون شڪايتون. ڪنڊڪوٽ جي شهرين ٻاران ضلع انتظاميا کي حادثي جو ذميوار قرار ڏنو ويو.

بقايا 08 ***

تي پهچي رهي آهي ته پورو ملڪ خطري ۾ آهي تقريب سان خطاب ڪندي شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته وفاق وٽ پاڻ ڪجهه نه آهي هو وياج ادا نٿا ڪري سگهن اڳئين سال وياج وڌيڪ وڌندو چاڪاڻ جو وڌيڪ قرض ورتو آهي اسان دفاعي خرچ اضافي قرضا وٺي ادا ڪري رهيا آهيون وفاق کان اوهان حق گهريو ٿا هو پاڻ لاچار ۽ ڪنگال آهن پارليمينٽري اهي واحد طبقا آهن جن جا ٽيڪس رڪارڊ پبلڪ ڏسي سگهي ٿي اڳوڻو وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته نظام کي نئون بدلائي سگهجي ملڪ جا حالت درست نه ٿي رهيا آهن سيني سان وڏو انتظامي آفيسر وفاق جو آفيسر آهي انگريز جو نظام اسان دل ۾ لڳايو آهي 25 سالن کان سياستدان نيب جي قانون کي دل سان لڳائي ويٺا آهن ڪنهن نيب کان پڇيو ۽ احتساب ڪيو 99 سيڪڙو قانون حڪومت پنهنجي سهولت لاءِ ٺاهي ٿي 30 سيڪڙو کان وڌيڪ پنجاب ۾ خوراڪ اداري ۾ ڪرپشن آهي اسان جي سامهون ملڪ لٽيو ٿو وڃي پر اسان ۽ هي نظام ڪجهه نه چوندو

بقايا 09 ***

جو ٽيون حصو روس کان وٺڻ شروع ڪري ڇڏينداسين ته اگهن ۾ وڏو فرق ايندو. اسان جو هدف ٽيون حصو تيل رعايتي اگهه تي وٺڻ آهي، هدف پورو ڪنداسين ته تيل رعايتي قيمت تي هوندو. اصل قيمت هن وقت نٿو ٻڌائي سگهان پر ان سان وڏو فرق ايندو ۽ اثر عوام جي کيسن تائين پهچندو. هن چيو ته اڄا ٻهريون جهاز آيو آهي، اسان جو هدف آهي ته هڪ ڏيڍ مهيني ۾ تسلسل سان روسي تيل اچڻ شروع ٿي وڃي. اسان جو روس سان اڄا هڪ لک ٽن تيل جي خريداري جو معاهدو ٿيو آهي. جيڪو ٻن جهازن ۾ اڄڙهو. هڪ اچي ويو آهي. ٻيو به هڪ هفتي ۾ پهچي ويندو

بقايا 10 ***

305 رپين جي برقرار آهي. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي آمريڪي ڊالر 70 پئسا واڌ سان 287 رپين 63 پئسن تي بند ٿيو

بقايا 11 ***

قومي سلامتي جي صورتحال. پاڪ فوج جي پيشيوراڻه معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. واضح رهي ته اها ملاقات اهڙي وقت ۾ ٿي آهي. جڏهن 9 مئي جي واقعن تي حڪومت ۽ عسڪري قيادت ماسٽر مائينڊز خلاف سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا 12 ***

کاتي بيان جاري ڪيو آهي. ڀارتي موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته طوفان 14 جون تائين امڪاني طور اتر ۽ اتر اوڀر ڏانهن وڌندو. طوفان سوراشٽر ۽ ڪڇ کي پار ڪندو 15 جون جي منجهند تائين ڀارتي رياست جي علائقي منڊوي ۽ ڪراچي جي وچ ۾ پهچندو. بائپر جواءِ جي اثر هيٺ هوائن جي رفتار 125 کان 135 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ ٿيڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته طوفان جي اثر هيٺ هوائن جي رفتار 150 ڪلوميٽر في ڪلاڪ تائين به پهچي سگهي ٿي. ڀارتي ميڊيا موجب ممبئي ۾ طوفان جي اثر هيٺ هوائن سبب ڪيترين ئي اڏامون رد ڪري رن ويز بند ڪيا ويا آهن ۽ شهر ۾ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا 13 ***

ٺهراءَ پيش ڪيو. ٺهراءَ جي متن موجب هڪ جماعت ۽ ان جي قائد 9 مئي تي سمورين حدون پار ڪيون. آئين ۽ قانون جا بخيا اڌيڙيندي فوجي ملڪيتن تي حملا ڪيا. انهن حملن سان رياستي ادارن ۽ ملڪ کي وڏو نقصان پهتو. آئين ۽ قانون تحت ان خلاف ڪارروائي مڪمل ڪئي وڃي. ٺهراءَ ۾ چيو ويو آهي ته جوابدارن خلاف ڪارروائي ۾ هڪ ڏينهن جي به دير نه ڪئي وڃي. ان جماعت جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن به ڪارروائين کان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيا آهن. شرپسندن ۽ ڏوهارين خلاف ڪارروائي دوران انساني حقن جون ڇڪڙيون نه ڪيون ويون ٺهراءَ جي متن موجب دنيا ۾ فوجي ملڪيتن تي حملا ڪرڻ تي ڪارروائي جو اختيار فوج کي حاصل هوندو آهي. تنهن ڪري پاڪستان آرمي ايڪٽ 1952 تحت ڪارروائي ڪري سزائون ڏنيون وڃن. ان موقعي تي خواجا آصف خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته منصوبي تحت فوجي ملڪيتن تي حملا ڪيا ويا. 9 مئي واقعن جون سموريون ثابتيون موجود آهن. پوءِ قومي اسيمبلي 9 مئي جي حوالي سان ٺهراءُ اڪثريتي راءِ سان منظور ڪري ورتو

بقايا 14 ***

سومر تي حڪومت پاران صحافي ۽ ميڊيا ورڪرز سان هيلٿ انشورنس جي اعلان تي وفاقي اطلاعات مريم اورنگزيب جي اعزاز ۾ استقبليه تقريب جو اهتمام ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي مريم اورنگزيب چيو ته جنهن طرح سان صحافين استقبال ڪير الفاڏن ۾ موجود آهي پي ايف يو جي، آر آئي يو جي کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو مريم اورنگزيب چيو ته شهبازشريف اپوزيشن ۾ هيا ته تمام صحافي اسان جي چيمبر ۾ ايندا هئا اهو صحافين جو حق آهي پيمرا جي قانون ۾ ٻهرين پيرو ڪائونسل آف ڪمپلين بڻائي وئي آهي جنهن تي صحافين کي شڪايت هئي اها قونصل ۾ رجسٽرڊ ڪرائي سگهي ٿو هڪ وقت ۾ آزادي صحافت ۾ مڪمل پابندي هئي ۽ اڄ تائين ڪنهن به حساس تنصيبات تي حملو ڪرڻ جي همت ناهي ٿي هن چيو ته 4 سال ۾ ميڊيا تي الزام لڳايا ويا پي ايم ڊي اي جي صورت ۾ ڪارو قانون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي صحافتي برادري جڏهن سامهون بيٺي آهي ته هو بل نافذ نه ٿي سگهيو ميڊيا ورڪرز جي گهٽ ۾ گهٽ پگهار 35 هزار رپين جو حڪم متعلق موررم کي موڪليو ڇڏيو وفاقي وزير اطلاعات چيو آهي ته 4 سال اوهان ماڻهن کي سينيٽر شپ جي خلاف آواز اٿاري جنهن ليڊر جون ٻاڙون عوام سان جڙيون آهن انهن جي خلاف ڪائي سازش ڪامياب نٿي ٿي سگهي ان جي زنده مثال ميان محمد نوازشريف آهي.

بقايا 15 ***

ته متحده جيرسي سڙي وڃي پر ور اڃان ناهي ويس هن چيو ته ايئر ڪيو ايمر جا ميمبر تعليم باغ ۾ سيف هائوس نه کولڻ لاءِ مسلسل دٻاءَ وجهي رهيا آهن چاڪاڻ ته سندن علائقي ۾ اثر رسوخ آهي ان ڪري هتي اهڙيڪا ڪارروائي نه ڪئي وڃي. هن چيو ته سيف هائوس کولڻ کان اڳ سڄي علائقي ۾ سيف هائوس خلاف بينر لڳايا ويا هئا. اخبارن ۾ ڪوڙن ۽ بي بنياد خبرون لڳايون ويون ۽ ڊپٽيڪمشنر سينٽرل سان به ملاقات ڪري مٿس دٻاءَ وڌو ويو هن چيو ته عدالتي حڪمن جي روشني ۾ سيف هائوس کي مظلوم عورتن جي ٻهرين پناه گاهه طور کوليو ويو. جڏهن ته عدالتي حڪمن تي ڊپٽي ڪمشنر سڌو سنئون سيف هائوس جو چيئرمين آهي. هن چيو ته سيف هائوس کي ڪنهن سياسي سرگرمي لاءِ استعمال ناهي ٿيندو هن چيو ته اسان ڊپٽيڪمشنر سينٽرل کي سيف هائوس کولڻ لاءِ جاءِ ڏيڻ جي درخواست ڪئي هئي، تنهنڪري هتي اسان کي جاءِ ڏني اسان اتي ئي سيف هائوس کوليو. جڏهن ته وڌيڪ جاين لاءِ درخواستون پڻ ڪئي وئي، هن چيو ته هاڻي سيف هائوس ۾ ڪرپشن جا الزام لڳايا پيا وڃن. جڏهن ته اڃا تائين ڪا به خريداري نه ڪئي وئي آهي اتي فقط چند استعمال ٿيل پلنگ. صوفا ۽ ڪرسيون رکيل هيون. جنهن کي بعد ۾ اپ گريڊ ڪرڻو هو هن چيو ته شڪر آهي ته ٻاهر لڳائيندڙ جوابدار کي رينجرز گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ هاڻي گرفتار جوابدارن جي جاچ ڪاڻ عوام کي سيف هائوس کي ٻاهر ڏيڻ جا مقصد معلوم ٿي ويندا.

بقايا 16 ***

احترام ڪيو وڃي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن حيدرآباد جي ٽلڪ چاڙهي ۾ فلپ چرچ جي پيور بلاڪ جي مرمت ۽ توسيع واري ڪم جو افتتاح ڪندڪيو هن وڌيڪ چيو ته ڪو چيئرمين آصف زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ادي فريال ٽالپور اقليتي برادري جي ڀلائي تي خاص ڌيانڏئي رهيا آهن. جنهن جو مظهر پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ اقليتي برادري جو ڪردار اهم آهي. هن وڌيڪ چيو ته اقليتي برادري کي بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت تي مڪمل اعتماد آهي. جنهن جي حوالي سان سنڌ جي وڏي وزير جي اڳوائي ۾ اقليتن جي ڀلائي جو ڪم جاري آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي سرڪاري نوڪرين ۾ اقليتي برادري جي ڪوٽا تي شفافيت سان عمل ڪيو پيو وڃي ۽ اقليتي برادري جي عبادت گاهه جي تعمير ۽ مرمت لاءِ به خاص فنڊ رکيا ويا آهن. اقليتي معاملن واري کاتي جون ترقياتي رٿائون اقليتي برادري سان محبت جو مظهر آهن.

بقايا 17 ***

پاڻ ڪنيو آهي ۽ اهو ڪر پاڪستان جي بقاءَ جو ثبوت آهي. ڪشمير ۽ والاريل ڪشمير جي آزادي لاءِ پاڪ فوج جي طاقت ضروري آهي. پاڪستان جي آزادي لاءِ نه پر ڪشمير جي آزادي لاءِ به پاڪ فوج جي طاقت اهم آهي. قيامت سدائين قائم رهندي، اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي ۾ تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ممتاز روحاني بزرگ ۽ مبلغ اسلام علامه پير محي الدين ۽ پير علاؤالدين صديقي جي ٽن ڏينهن واري عرس جي اختتامي تقريب. نيريان شريف تراخل ۾ عرس جون 3 ڏينهن واريون تقريبون پڄاڻي تي پهتيون. عرس جي ٽن ڏينهن واري عرس جي خاص ڳالهه گذريل ڏينهن ڪعبي جي زيارت هئي. جنهن ۾ عرس ۾ شريڪ عقيدتمندن کي عرس مبارڪ ادا ڪيو ويو. اختتامي دعا. جنازي نماز پير سلطان العارفين صديقي پيش ڪئي. جڏهن ته آخري رسمون آزاد جمون ۽ ڪشمير جو اڳوڻو وزيراعظم سردار عتيق احمد خان. آزاد جمون ۽ ڪشمير جو اڳوڻو سينيئر وزير چوڌري ياسين. آزاد جمون ۽ ڪشمير جي مذهبي معاملن وارو وزير علامه نذير احمد. قادري، علامه پير فاروق الحسنين پير آف چورا شريف. مسلم هيندز، چيف پير لخت حسنين. جڏهن ته ڪعبي شريف جي زيارت لاءِ عرب امارات جي شيخ ابو عبدالله سميت پاڪستان ۽ آزاد ڪشمير جي مشهور روحاني، سياسي ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي. عرس جي آخري ڏينهن تي پهرين سيشن ۾ آزاد ڪشمير جي نمائندن خاص طور تي شرڪت ڪئي. اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي مقررين پير محي الدين ۽ پير علاؤالدين صديقي ۽ پير ڊاڪٽر شيطان العارفين صديقي کي شاندار لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ چيو ته هنن هن خطي ۾ اسلام جي ترويج لاءِ بي مثال ڪم ڪيا آهن. محي الدين اسلامڪ يونيورسٽي ۽ ميڊيڪل ڪاليج ان جو ثبوت آهن. اسان مان ڪيترن ئي ڪعبي جي زيارت نه ڪئي آهي. پر قبله پير صاحب جي مهرباني سان ڪعبي جي زيارت ڪري رهيا آهن. رهواسي خوش قسمت آهن ته هن حرم جي ويجهو آهن.

بقايا 18 ***

. موسميات کاتي موجب 13 کان 14 جون تي اسلام آباد، مري، راولپنڊي، اٽڪ، چڪوال ۽ سيالڪوٽ ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته چترال، دير، سوات، هري پور، چارسدا، صوابي، پشاور ۽ مردان ۾ به برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب 13 کان 17 جون دوران ٺٽي، بدين، ٿرپارڪر ۾ به برسات پئجي سگهي ٿي. جڏهن ته ان ئي دوران سکر، لاڙڪاڻي، ژوب، بارکان، قلات، خضدار ۽ نصيرآباد ۾ به برسات جو امڪان آهي. اختيارين جو چوڻ آهي ته 15 کان 18 جون تي ڪشمير، گلگت بلتستان، چترال ۽ سوات ۾ به مينهن وسڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته ڪجهه جاين تي ڳڙو به پئجي سگهي ٿو

بقايا 19 ***

روس مان ايندڙ ڪچي تيل جي جهاز پيور پوائنٽ مان تيل ڪڍڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. جهاز مان 3 هزار ٽن تيل پاڪستان ريفائنري منتقل ڪيو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پيور پوائنٽ مان روسي ڪچي تيل جي منتقلي سياني تائين مڪمل ٿي ويندي.

بقايا 20 ***

وجود خطري هيٺ اچي ويو آهي بي رحم پهيلا حڪمران جون جي پيش ڪيل هي بجيٽ طوفان جي امڪان جي نالي ۾ ۽ ايمرجنسي ريسڪيو جي انتظامن هيٺ افسرشاهي سان ملي اربين رپيا سنڌ جو ناڻو لٽڻ جو گذريل ڏينهن کان بندوبست ڪري ڇڏيو آهن پر سنڌ واسين کي هن ساموندي طوفان کان بچائڻ لاءِ ڪي به انتظام نه ڪيا آهن رڳو نمائشي ميٽنگون ۽ فوٽو سيشن جاري آهي پر سمنڊ ڪناري رهندڙ انسانن کي بچائڻ ۽ خوراڪ مهيا ڪرڻ لاءِ ڪي به انتظام نه ڪيا ويو آهن. زرداري ساٿيا تي واضح ڪريون ٿا ته جيڪڏهن هن ساموندي طوفان ۾ سنڌ جي ماڻهن کي لاوارث ڪري اوهان ماريو ته پوءِ اوهان خلاف روڊن رستن تي اٿ ڪٽ جدوجهد ڪنداسين. ماڻهو مري ويا ته انهن جي قتل جون ايف آءِ آرون اوهان ۽ اتان جي ڊپٽي ڪمشنرن خلاف داخل ڪرائينداسين. چاڪاڻ ته هن فيڊريشن ۾ احتساب ۽ انصاف جو ڪوبه ادارو سنڌ جي ماڻهن جو تحفظ ڪرڻ لاءِ تيار ناهي تنهنڪري عوام کي اپيل ڪريون ٿا ته پنهنجي تحفظ ۽ ترقي لاءِ جيئي سنڌ محاذ جي جدوجهد جو ساٿ ڏيڻو پوندو ۽ سيد جو فڪر اپنائڻو پوندو. انهيءَ ڪري ته هن ملڪ جي تاريخ رهي آهي سنڌ جڏهن به ڪي آفتون آيون آهن ته حڪمران سنڌ واسين کي ننڌڻڪو ۽ لاوارث ڪري انهن جي ڏکن ۽ دردن ۽ بدحالين ۾ اضافو ڪيو آهي. جنرل مشرف جي دور ۾ سنڌ جي ساحلي پٽي جا سوين انسان لاوارث ٿي مري ويا سندن گهر ۽ ملڪيتون تباهه ٿيون نه اڳواٽ انهن جي تحفظ جو بندوبست ڪيو ويو نه بعد ۾ انهن جي نقصان جو ازالو ڪيو 2010 جي مها ٻوڏ ۽ 2022 جي هتراڌو ٻوڏ جا درد سنڌ جي ماڻهن جا تازا آهن پاڪستاني حڪمران عالمي فنڊ ۽ ڪربين روپيا غريبن جا کائي ويا هن ملڪ ۾ سنڌ کي تباهه ڪرڻ وارن کان ڪو به بچاءُ ناهي. سنڌ جي شعور کي اپيل ڪريون ٿا ۽ ڪارڪنن کي هدايت ڪريون ٿا ته ساموندي پٽي تي متحرڪ رهن.

بقايا 21 ***

ته ڪراچي ڊويزن جي 40 عمارتن کي مڪمل طور تي مخدوش قرار ڏنو ويو آهي. جن کي خالي ڪرايو پيو وڃي جڏهن ته 450 عمارتن کي خطرناڪ قرار ڏنو ويو آهي. ياسين شر بلوچ وڌيڪ چيو ته سنڌ بلڊنگڪنٽرول اٿارٽي ۽ ٻيا ادارا مخدوش عمارتن کي خالي ڪرائي رهيا آهن. خطرناڪ عمارتن کي خالي ڪرائڻ جو ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي. سنڌ بلڊنگڪنٽرول اٿارٽي ۾ رين ايمرجنسي ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي. ياسين شربلوچ چيو ته ڪراچي ڊويزن جي سمورن ضلعن ۾ ايس بي سي اي جي آفيسرن ۽ ملازمن کي الرٽ ڪيو ويو آهي. خطرناڪ عمارتن جي ويجهو گاڏيون پارڪ نه ڪريو.

بقايا 22 ***

پوءِ عدالت سگهوري سهانا شرما جو بيان رڪارڊ ڪرڻ بعد ڪيس 10.000 جي پي آر بانڊ عيوض سندس والدين جي حوالي ڪري ڇڏيو ياد رهي ته سهانا شرما کي ٻه ڏينهن اڳ پوليس رڪور ڪري عدالت ۾ 164 جو بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ پيش ڪيو هئو. جنهن کي عدالت ميڊيڪل ٽيسٽ ۽ عمر جو تعين ڪرڻ لاءِ سيف هائوس اماڻي ڇڏيو هو. سهانا شرما پاران عدالت ۾ ايڊووڪيٽ سچل مجيب، ايڊووڪيٽ پرڪاش ڪمار، ايڊووڪيٽ مرتضي اعوان، ايڊووڪيٽ امتياز چانديو ۽ ٻيا پيش ٿيا. عدالت ۾ سهانا شرما جي والد دليپ ڪمار سان اظهار يڪجهتي لاءِ والدين. هندو پنچائت جا اڳواڻ. سماجي اڳواڻ ۽ قومي ڪارڪن عدالت پهتل هئا.

بقايا 23 ***

بابت بريفنگ ڏني جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته شاهه بندر، جاتي ۽ ڪيٽي بندر جي سمنڊ جي ويجهو ڳوٺن مان 50 هزار ماڻهن جي لڏ پلاڻ ٿيندي، شاهه بندر جي ٻيٽن مان رات 2 هزار ماڻهن کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي. بدين جي زيرو پوائنٽ جي ڳوٺ پڳڙا ميمڻ مان به ماڻهن کي ڪڍيو ويو آهي. سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ساموندي طوفان 15 جون تي ٽڪرائجندو. 17 جون کان 18 جون تائين طوفان جو اثر گهٽ ٿي ويندو. شدت ۾ معمولي گهٽتائي سان طوفان 13 ۽ 14 جون جي بجاءِ 15 جون تي ٽڪرائجندو بريفنگ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته طوفان جي ٽڪرائجڻ سان سمنڊ ۾ 4 کان 5 فوٽ ڊگهيون لهرون اٿنديون جنهن سان پاڻي تمام گهڻو اڳتي تائين ويندو.

بقايا 24 ***

. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ جهانگير ترين عهديدارن جو اعلان ڪيو جنهن موجب عامر ڪياني پارٽي جو سيڪريٽري جنرل، عون چوڌري مرڪزي ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري ۽ پارٽي ترجمان هوندو پنهنجي پيغام ۾ جهانگير ترين چيو ته عون چوڌري بطور پيٽرن انچيف منهنجو به ترجمان هوندو. پارٽي جي وڌيڪ عهديدارن جي نالن جو اعلان جلد ڪيو ويندو ياد رهي ته استحڪام پارٽي جو قيام تازو ٿيو آهي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ تحريڪ انصاف جا اڳوڻا اڳواڻ شامل آهن استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ سنڌ جو اڳوڻو گورنر عمران اسماعيل، اڳوڻو وفاقي وزير علي زيدي، فواد چوڌري، فردوس عاشق اعوان، عامر ڪياني، جي پرڪاش، مراد راس ۽ ٻيا شامل آهن استحڪام پاڪستان پارٽي جو جهنڊو ۽ فائنل ڪيو ويو آهي ۽ ان جي رجسٽريشن لاءِ اليڪشن ڪميشن ۾ درخواست به جمع ڪرائي وئي آهي.

بقايا 25 ***

. پاڪستان ۾ موجود افغان پناهگيرن ۾ ساڍا 7 لک ماڻهو رجسٽريشن ڪرائڻ جي بجاءِ روپوش ٿي ويا آهن. غير قانوني سرگرمين ۾ ملوث هجڻ جي امڪان تي گهرو وزارت حرڪت ۾ اچي وئي آهي. غيرقانوني طور تي رهندڙ افغان پناهگيرن جو ڊيٽا ۽ ايف آءِ اي ۾ موجود ڊيٽا ٿاڻن کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. فارن ايڪٽ تحت ڪين گرفتار ڪري ملڪ بدر ڪيو ويندو. فارن ايڪٽ تحت گرفتار ڪري سرحد پار اماڻڻ لاءِ گهرو وزارت لاڳاپيل ادارن کي حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن. گهرو وزارت جي اختيارين موجب 2006 کان 2023 تائين 35 لک 7 هزار 295 افغان پناهگيرن رجسٽريشن ڪرائي ان مدي ۾ 13 لک 3 هزار 636 پناهگير پنهنجي ملڪ واپس هليا ويا. گهرو وزارت جي اختيارين موجب 14 لک 60 هزار 717 رجسٽريشن ڪرائي جڏهن ته 7 لک 42 هزار 942 افغان پناهگير رجسٽريشن ڪرائڻ کان سواءِ پاڪستان ۾ غيرقانوني طور تي ترسيل آهن 200 کان وڌيڪ غير رجسٽرڊ افغان شهرين کي وفاقي پوليس 31 مئي تي اسلام آباد ۾ سرچ آپريشن گرفتار به ڪيو هو جن خلاف 14 فارن ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ملڪ بدر به ڪيو ويو آهي.

بقايا 26 ***

ڏيڻ لاءِ جي يو آءِ حڪومتي ڪوشش ۾ شامل رهندي. هن چيو ته 9 مئي جي واقعن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي. ملوث ماڻهن خلاف سخت قدم کڻڻ گهرجن اسان جي ملڪي سياست سان وابستگي جي هڪ ڊگهي تاريخ آهي. اسان سياست ۾ هيٺ مٿانهين کي تمام ويجهو کان ڏٺو آهي. پاڪستان ٺاهڻ جو بنيادي مقصد اسلام ۽ عادلاڻو نظام لاڳو ڪرڻ هو پي ڊي ايم سربراهه پريس ڪانفرنس ۾ وڌيڪ چيو ته اسان جي سڃاڻپ ختم ۽ پاڪستان کي سيڪيولر ملڪ طور متعارف ڪرايو ويو آهي. اسان ملڪ جي اسلامي سڃاڻپ لاءِ پنهنجي جدوجهد کي جاري رکنداسين. اسان ملڪ جي اسلامي سڃاڻپ جي بحالي کي چونڊ مهم جو حصو بڻائينداسين. ملڪي معيشت کي سڌارڻ هڪ چيلينج آهي. مولانا فضل الرحمان چيو ته پي ٽي آءِ حڪومت ۾ چين جي 70 ارب ڊالرن جي سرمائيڪاري تباهه ڪئي وئي. سي پيڪ سبب پاڪ چين دوستي معاشي دوستي ۾ تبديل ٿي جنهن کي عالمي سازش تحت نيست نابود ڪيو ويو اسان مختلف شعبن ۾ چيني سرمائيڪاري جي آجيان ڪندا رهندا آهيون. مولانا فضل الرحمان چيو ته ڪشمير تي قبضو پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ نريندر مودي جي گٺ جوڙ جو نتيجو آهي. ٽڪراءُ فيصلن جي قيمت قوم اڄ تائين ادا ڪري رهي آهي. عام چونڊن لاءِ چئني صوبن کي تياري جي هدايت ڪري ڇڏي آهي پي ڊي ايم سربراهه وڌيڪ چيو ته ميگا اسڪينڊلز جي حوالي سان پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ تحريڪ انصاف خلاف ڪارروائي چو نه ٿي رهي آهي. حڪومت کان پڇي رهيا آهيون ته 3 ڀيرا وزيراعظم رهندڙ خلاف ڪارروائي ٿي سگهي ٿي ته پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف ڪارروائي چو نه ٿي رهي آهي.

بقايا 27 ***

ڪيو تفصيلن مطابق ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ ميئر ۽ بلدياتي سربراهه جي چونڊ 15 جون تي ٿيندا پنهنجا فيصلا سي بي پي قيادت کي آگاهه ڪري ڇڏيا آهن هي فيصلا مسلم ليگ جي قائد نوازشريف جي هدايت مطابق ڪيا ويا آهن (ن) ليگ جي ڊپٽي ميئر جي اميدوار کي پنهنجا ڪاغذات واپس وٺڻ جي هدايت ڪئي ان حوالي سان (ن) ليگ سنڌ جي صدر شاهه محمود شاهه پارٽي جي مرڪزي قيادت جي فيصلي سان پي پي کي آگاهه ڪندي چيو ته اسان جا اميدوار نوهان جي حق ۾ آهن مسلم ليگ (ن) جي صدر شاهه محمود شاهه پارٽي قائد جي حڪم تي هدايت جاري ڪري ڇڏي مسلم ليگ (ن) جا 14 ڪارڪن ميئر ڪراچي جي لاءِ پيپلزپارٽي کي ووٽ ڏيندا ٻئي پاسي پيپلزپارٽي به (ن) جي حمايت خيرمقدم ڪيو ۽ ٻئي جماعتون ملي ڪري شهر قائد جي ترقياتي ڪم ڪرائڻ جو اظهار ڪيو آهي واضح رهي ته ميئر ڪراچي جي لاءِ پيپلزپارٽي جي طرفان مرتضيٰ وهاب ۽ جماعت اسلامي پاران حافظ نعيم الرحمان جا اميدوار نامزد ڪيا ويا آهن ٻئي جماعتون پنهنجي پنهنجي اڪثريت ۽ ڪاميابي جي دعويٰ ڪري رهيون آهن

بقايا 28 ***

ڪندي شهزادي فيصل بن فرحان چيو ته چين ۽ سعودي عرب وچ ۾ اقتصادي صنعتي، خلائي ۽ ٽيڪنيڪي شعبن ۾ تعاون کي هتي اولين ترجيح آهي. شهزادي فيصل بن فرحان وڌيڪ چيو ته رياض طرفان هڪ روڊ ميپ تيار ڪيو ويندو جيڪو صنعت، سائنس، مواصلات ۽ گرين ٽيڪنالاجي کي هٿي ڏيندو هن چين سان لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ جو پڻ ارادو ظاهر ڪيو

بقايا 29 ***

. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ميئر ڪراچي جون چونڊون ملتوي ڪرائڻ بابت تحريڪ انصاف جي يوسي چيئرمين ذيشان عالم جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ۽ اليڪشن ڪميشن جو وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ پوليس يوسي چيئرمين کي غيرقانوني حراست ۾ رکيو ۽ حراسان ڪري رهي آهي. عدالت حڪم ڏنو آهي ته چونڊن جي ڏينهن چونڊيل نمائندن جي حاضري کي يقيني بنايو وڃي جيڪڏهن ڪير به حراسان ڪري رهيو آهي ته اليڪشن ڪميشن ان جي خلاف ڪارروائي ڪري. ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ چيو ته گرفتار چونڊيل نمائندن جي چونڊن جي ڏينهن حاضري يقيني بنائي وڃي ڪنهن کي به غيرقانوني حراست ۾ نه رکنداسين ۽ ڪنهن کي به ووٽ وجهڻ کان نٿو روڪي سگهجي. اسان گذريل ٻڌڻي تي به عدالت کي اهو يقين ڏياريو هو سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن طرفان يقين ڏيارڻ کان پوءِ درخواست اڪلائي ڇڏي.

بقايا 30 ***

ڪرڻ لاءِ آصف زرداري جي حڪمت عملي سامهون اچي وئي. ڏکڻ ۽ سينٽرل پنجاب جي اهم سياسي خاندانن جا پ پ سان رابطا جاري آهن. عام چونڊن کان اڳ اهي خاندان پ پ ۾ شموليت اختيار ڪندا. پارٽي ذريعن موجب ڏکڻ پنجاب مان لغاري خاندان، دريشڪ خاندان، مخدوم خاندان، لنگاهه، جاٽ، جتوئي، وٽو بلوچ، ممدوٽ ۽ ٻيا خاندان پ پ جو حصو بڻجڻ لاءِ رابطي ۾ آهن. اهڙي ريت سينٽرل پنجاب مان ٽوانا، مهر، جٽ، ڪشميري ۽ راجپوتن سميت ٻيا پ پ ۾ شامل ٿيندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته پ پ ۾ شموليت ڪانپوءِ انهن اهم سياسي خاندانن کي اهم عهدا به ڏنا ويندا. ماضي ۾ انهن اهم سياسي خاندانن جو پنجاب جي سياست ۾ وڏو ڪردار ادا رهيو آهي.

بقايا 31 ***

جي فيصلي ۾ اسان کي اعتماد ۾ نه ورتو ويو تحريڪ انصاف جي چيئرمين سان گڏ هئاسين، آهيون ۽ رهنداسين. هن چيو ته هو پيپلز پارٽي جي خلاف هو ۽ آهي. پر هو جماعت اسلامي کي ووٽ نه ڏيندو. اسان پنهنجي فيصلي ۾ آزاد آهيون ۽ اسان کي ڪنهن به قسم جي دٻاءَ کي منهن ڏيڻو ناهي. ميئر جي چونڊ واري ڏينهن پي ٽي آءِ جا 40 چيئرمين ايوان ۾ نه ويندا. اسد امان چيو ته جماعت اسلامي هميشه سخت مخالفت ڪئي، حافظ نعيم کي ووٽ نه ڏينداسين جيڪڏهن تحريڪ انصاف جو چيئرمين فون ڪري ته ڳالهائي سگهون ٿا. پي ٽي آءِ يوسي چيئرمين عمران پرواني چيو ته اسان کي پنهنجي يوسي وارن کي به جواب ڏيڻو آهي حافظ نعيم پي ٽي آءِ چيئرمين سان ملاقات ڪئي ۽ ڪارڪنن سان ڪوڙ ڳالهايو چونڊجڻ کان پوءِ ڪراچي جي قيادت پاران اسان کان پڇائو به نه ڪيو ويو. اسان غير کي ووٽ نٿا ڏئي سگهون.

بقايا 32 ***

پنجاب ۾ احتجاج جي معاملي تي حڪومت ٽي ايل پي سان ڳالهين جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جي لاءِ گهرو وزير جي سربراهي ۾ جوڙيل ڪميٽي ٽي ايل پي سان ڳالهيون ڪندي پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت واري دور ۾ تحريڪ لبيڪ کي ڪالعدم قرار ڏنو ويو هو ۽ 15 اپريل 2021 تي ان حوالي سان هڪ نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو جنهن ۾ ٻڌايو ويو هو ته دهشتگردي جي خاتمي واري ايڪٽ 1997 جي تحت ٽي ايل پي کي ڪالعدم قرار ڏنو ويو پي ٽي آءِ حڪومت تحريڪ لبيڪ تي پابندي لاڳو ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو هو جنهن جو سبب ملڪ ۾ ان وقت ٿيندڙ احتجاج ۽ ڌرڻا هئا جنهن ۾ ٽي ايل پي ڪارڪنن ۽ پوليس وچ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڇڪريون پڻ ٿيون هيون. تحريڪ لبيڪ طرفان گهرو سيڪريٽري کي درخواست ڏني وئي هئي جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو ته تحريڪ لبيڪ دهشتگرد تنظيم نه آهي پر اليڪشن ڪميشن ۾ رجسٽرڊ سياسي پارٽي آهي.

معاشري جي بهتري ۽ سنڌ جي ترقي لاءِ سچ لکڻ ۽ سچ ڳالهائڻ گهرجي: شائستا بلوچ

ڪالم نويس محمد خان ابڙي جي ڪتاب "ڪنهن کي وٽي نہ وٽي" جي مهورت تقريب ٿي

ڊي اي او سيڪنڊري اسڪول، حافظ شهاب الدين انڙ، سماجي اڳواڻ رفيق احمد سومرو شريڪ ٿيا

ثمرين نجيب لاکو، انسپيڪٽر زهرا شاهہ، شاعر ناصر چاچڙ، اي سي مرتضيٰ گهانگهرو شريڪ ٿيا

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) : اسان کي معاشري جي بهتري ۽ سنڌ جي ترقي لاءِ سچ لکڻ ۽ سچ ڳالهائڻ گهرجي. سنڌي قوم کي ترقي جي ميدان ۾ اڳتي اچڻ لاءِ تعليم طرف اڳڀرو ٿيڻو پوندو. اهڙو اظهار نامياري دانشور محمد خان ابڙي پنهنجي ڪتاب جي مهورتي تقريب ڪي خطاب ڪندي ڪيو. سکر پريس ڪلب ۾ سماجي تنظيم اسٽيپ فائونڊيشن طرفان شائستا بلوچ اسد چاچڙ جي ميزباني ۾ سنڌ جي نامياري ليکڪ، ڪالم نويس محمد خان ابڙي جي ڪتاب "ڪنهن کي وٽي نہ وٽي" جي مهورت تقريب ۽ ليکڪ محمد خان ابڙي سان ادبي رهاڻ رچائي وئي. هن پروگرام ۾ اديبن، شاعرن ۽ سماج سڌارڪ شخصيتن پڻ ڀرپور شرڪت ڪئي. محمد خان ابڙي جي شخصيت ۽ ڪتاب تي قومي شاعر رکيل مورائي، ڊي اي او سيڪنڊري اسڪول، حافظ شهاب الدين انڙ، سماجي اڳواڻ رفيق احمد سومرو، شاعر اسد چاچڙ - شاعر بيخود بلوچ، اسٽيپ فائونڊيشن چيئرپرسن شائستا بلوچ - ثمرين نجيب لاکو انسپيڪٽر زهرا شاهہ، شاعر ناصر چاچڙ، اي سي مرتضيٰ گهانگهرو ، سيد محمود شاهہ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ اسان جي اديبن شاعرن طرفان حق سچ لکڻ سان بهتري اچي سگهي ٿي. ٻران سان تڪليفن جو منهن ڏسڻو پوي ٿو محمد خان ابڙو سنڌ جو درد رکندڙ ڪردار آهي. جنهن وس آهر غريب ماروئڙن جي هڙان وڙان خدمت ڪئي آهي. پروگرام ۾ ليکڪ محمد خان ابڙي کي مجتا شيلڊ پڻ ڏني وئي. پروگرام ۾ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتون شريڪ ٿيون

"سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو پراڻو ڊگهي وارو لوگو بحال ڪيو": ٽنڊوباگو ۾ احتجاج

سنڌي ادبي سنگت شاخ خليفي قاسم جي عهديدارن گلزار احمد درس احتجاج ڪيو

شبير لنڊ، غلام مصطفيٰ لنڊ، عبدالستار کوسو، ڪمال امر هنگورجو، فياض احمداڻي شريڪ

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ کان پراڻو ڊگهي وارو لوگو بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪريون ٿا: اڳواڻن جون ڳالهيون

ٽنڊوباگو (سهيل سمون) سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو پراڻو ڊگهي وارو لوگو بحال ڪيو، سنڌي ادبي سنگت شاخ خليفي قاسم پاران احتجاج تفصيل موجب سنڌي ادبي سنگت شاخ خليفي قاسم جي عهديدارن گلزار احمد درس، فاروق احمداڻي، انجم لنڊ، شبير لنڊ، غلام مصطفيٰ لنڊ، عبدالستار ڪوسو، ڪمال امر هنگورجو، فياض احمداڻي، ريڊنو خاصخيلي، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو پراڻو ڊگهي وارو لوگو بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪندي سخت احتجاج ڪيو آهي جڏهن تہ سنڌي ادبي سنگت جي هڪ ٽيم وارين ڪوشش جي ڀرپور آجيان ڪندي چيو تہ ان حوالي سان سنڌي ادبي سنگت شاخ خليفو قاسم پنهنجي حصي جو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي ان فيصلي جي شروعات ٿندي باڳي ڪان ٽيڻ تي خاڪي جاتي ۽ فراق هاليپوٽو جي ڪارشن کي ساراهيندي آها اميد ڪيي تہ جلد مرڪز طرفان بہ اهڙو فيصلو ڪيو ويندو

سيتا سرڪٺهار فورم پاران روهڙي کان ڪوٽڙي ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج

مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ مشهور ميمڻ جي اڳوائي ۾ سيتا روڊ ۾ احتجاج ڪيو ويو

غلام مصطفيٰ سمون، شهزاد علي ميمڻ، احسان علي سومرو، امجد علي کوسو ۽ ٻين پاران شرڪت

تعصب پرست ريلويز اختيارين هٺ ڌرمي مسافر ريل گاڏين جي بحالي نہ ٿي ڪري: مظاهرين جون ڏانهون

دادو (عزيزالله خاصخيلي) سيتا سرڪٺهار فورم پاران روهڙي کان ڪوٽڙي واياءِ لاڙڪاڻو دادو ٽريڪ تي مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ مشهور ميمڻ جي اڳوائي ۾ سيتا روڊ ريلوي ڦاٽڪ تي 141 هين ڏينهن بہ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاجي تحريڪ جي اڳواڻن مشهور ميمڻ پروفيسر غلام مصطفيٰ سمون، شهزاد علي ميمڻ، احسان علي سومرو، امجد علي کوسو محمد صادق سولنگي، وقاص لوهر، قمرالدين جهواڻ، مظهر راز قريشي ۽ ٻين چيو تہ ٽرانسپورٽ مافيا ريلوي انتظاميا کي ڳري رشوت ڏئي گذريل 11 مهينن کان روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي ٽريڪ تي هلندڙ پشاور کان ڪراچي هلندڙ خوشحال خان خٽڪ ايڪسپريس، ڪوئيٽا کان ڪراچي تائين هلندڙ بولان ميل روهڙي کان ڪوٽڙي تائين هلندڙ موهن جو دڙو ايڪسپريس بند ڪيون ويون آهن. جنهن ڪري مذڪوره ريلوي ٽريڪ جي سمورن ريلوي اسٽيشنن تي عوام کي مليل سستو ۽ معياري سفر جي سهولت کسي وئي آهي ٽرانسپورٽ مافيہ ريلويز اختيارن سان ٺهي پيل آهي جنهن ڪري وفاقي سرڪار سنڌ جي عوام جي آواز کي ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي هنن اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو تہ تعصب پرست ريلويز اختيارين هٺ ڌرمي مسافر ريل گاڏين جي بحالي نہ ٿي ڪري ۽ ٻوڏ ۽ برسات جا بهانہ ڪيا پيا وڃن.

ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو، آبپاشي، ڊرينيج، پبلڪ هيلٿ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جا عملدار پڻ موجود هئا.

ماڻهون شديد تڪليف ۾ آهن روڊن جي ليول وغيره ب سڌي ن آهي استعمال ٿيل مٽيرل ب ناڪاره آهي پنجن سالن ۾ قومي سرمايو ڪروڙين روپيا ڪرپشن ڪري لٽايو ويو آهي برسات ۽ ٻوڏ ۾ متاثر ٿيل ماڻهن جي ڪا ب مدد ن ڪئي وئي آهي صرف ڪاغذن ۾ سڀ ٺيڪ آ ڪيو ويو آ عام ماڻهون تمام گهڻو متاثر ۽ پريشان آهن مذڪوره روڊ ٽف ٽائل اڌ ۾ ڇڏيل ڪم وري ٻيهر ٽينڊر ڪرائي ٺهرائيا ويندا قومي خزانو وري لٽيو ويندو ميونسپل جا ڪليل گٽر ناليون ب تباهہ آهن ۽ ميونسپل جا پلاٽ پڻ منظور نظر ماڻهن کي ڏنا ويا آهن تنهن ڪري چيئرمين اينٽي ڪرپشن - چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي گزارش آ ت نوٽيس وٺي انڪوائري ڪري لٽيل ڪروڙين روپيا واپس ڪرائيا وڃن

وڃڻ ان کانپوءِ سنڌن مال ۽ ٻين قيمتي سامان جي حفاظت لاءِ پڻ ضروري قدم کنيا وڃن . هن چيو تہ ضلعي انتظاميہ پاران طوفان ۽ تيز بارشن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪانٽيجنسي پلان تيار ڪري ورتو آهي جنهن سلسلي ۾ ڊي سي ڪامپليڪس ۾ هڪ ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيو ويو آهي جنهن جو فون نمبر 0229260790 آهي ڪنهن بہ هنگامي صورتحال يا لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ رابطو ڪري سگهجي ٿو

سومرو، محمد ابراهيم وگهيو ڪئي . ان موقعي تي اڳوڻي ضلعي نائب ناظم پير اشفاق جان سرهندي خطاب ڪندي چيو تہ راندين معاشري جي سڌاري اڻڻ ۾ بهترين ڪردار ادا ڪنديون . راندين صحت لاءِ تمام گهڻيون فائديمند آهن . اسان کي گهرجي تہ اهڙا راندين جا ٽورناميٽ لڳائي نوجوانن کي منشيات جي لعنت کان بچائيون . ان موقعي تي انجنئير عبدالحق ڙئور . سيد محبت علي . اين آئي سي وي ڊي جي ڊاڪٽر سيد غضنفر شاهہ . محمد علي قريشي ۽ ٻين شهر جي معززين . سول سوسائٽي جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

پاءِ سالڪ ڪلهوڙو جي ظلمن خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو تہ پنج سال پهريان مونکي بہ جاڙا پٽ ڄاوا هيا تہ منهنجي ماءِ زبيداءَ مونکي ۽ منهنجي مڙس کي چيو تہ ٻن ڄاڙن ٻارڙن مان هڪ ٻار مونکي ڏيو تہ ان جي پرورش مان ٿي ڪيان ۽ هڪ جي پرورش توهان ڪيو جيسي تايين تنهنجي پاءِ سالڪ ڪلهوڙو کي اولاد ٿيي ان وقت اسان سڀ گڏ رهندا هياسين ڪجهہ عرسو گذرڻ کان پوءِ منهنجي ماءِ هي فاني دنيا ڇڏي وئي ۽ اسان پنهنجو الڳ رهڻ شروع ڪيو تہ منهنجي پٽ ابوطالب کي منهنجو پاءِ برگلايي اسان ڏي اچڻ کان روڪيندو رهيو ۽ چوندو رهيو تہ اهي توکي ماريندا انهن ڏي وڃڻ بند ڪر ۽ اسان جي گهراچي مون تي ڦاني دفعا تشدد بہ ڪيو ۽ اسانکي چوندو رهيو تہ ابوطالب منهنجو پٽ آهي توهان جو ناهي ان جي اسان ٿاڻي تي رپورٽ بہ لکرايي ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز فيصلو ڪري حڪم جاري ڪرايو تہ ابوطالب اسان سان گڏ رهي وري منهنجو پاءِ اسان جي گهراچي مون سان زبردستي وڙهيو آهي منهنجو پاءِ زبردستي اسان جي پٽ تي قبضو ڪرڻ ٿو چاهي ان موقعي تي وڌيڪ ابوطالب ميڊيا آڏو چيو تہ منهنجي امان جو نالو فسانہ آهي ۽ منهنجي پيءُ جو نالو پرويز احمد آهي هنن وڌيڪ چيو تہ اسان مطالبو ٿا ڪيون چيف جسٽس آف پاڪستان، وزير اعليٰ سنڌ، ايس ايس پي نوشهرو فيروز سميت اعليٰ اختيار رکڻ وارن سان تہ اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ سالڪ ڪلهوڙو خلاف قانوني ڪاروايي ڪيي وڃي جيڪو اسان جي جگر جي ٽڪري کي اسان کان زبردستي الڳ ڪري پاڻ قبضو ڪرڻ ٿو چاهي.

ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو تہ چورن خلاف ڪارروائي ڪري چورين تي ضابطو آندو وڃي جيئن هتان جو امن تباهہ نہ ٿئي.

ايس ايڇ او انور لغاري ٻڌايو تہ جوابدار روپوش ٿي ويا آهن پوليس انهن کي ڳولهي رهي آهي جلد ڪين گرفتار ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 01

ڪوشش کان پوءِ هر طبقي جي گرلس لاءِ فري آف ڪاسٽ انگلش اسپيڪنگ جا ڪلاس شروع ڪيا ويا آهن جنهن ۾ استاد امتياز علي ملاح ۽ بخت ڪنير ٻين استادن شاگردن کي بهتر طريقي سان تياري ڪرائي رهيا آهن دادو سسٽرس لائبريري جي چيئرپرسن ۽ ايڊووڪيٽ شمائلا اختر عباسي جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ آئون نہ ٿي چاهيان تہ ڪابہ ڇوڪري وسيلن جي گهٽائي سبب جي ڪري پوئتي رهي ڇو جو اسان جي معاشري ۾ ڇوڪرين جي پڙهائي تي توجہ نہ ٿو ڏنو وڃي انهي جي ڪري آئون چاهيان ٿي تہ دادو ۽ دادو جي آسپاس جي علائقن جون ڇوڪريون هن موقعي مان ڀرپور فائدو وٺن آئون گروئنگ اسٽارس لينگويج سينٽر دادو جي پرنسپال امتياز علي ملاح ۽ بخت ڪنير جي شڪر گذار آهيان جن هن خير جي ڪم ۾ پنهنجو قيمتي ٽائيم ڏنو آهي.

بقايا سنڌيار 02

ڪئي تقريب جي صدارت ناليواري سماج سڌارڪ اقبال حسين چنا ڪئي جڏهن مهماني خاص ملڪي گروپ جي نائب صدر ممتاز علي بلوچ شبير احمد پتو مير خان بنگلاڻي اعجازي ڪتياڻ فقير ارشاد پروفيسر تاج الدين ٻرڙو سومرو سنڌ ويلفيئر فائونڊيشن جي چيئرمين سماجي اڳواڻ خالد ٻگهيو نور پائي ارفان پائي مجيب ٻگهيو غوث ٻگهيو ڊاڪٽر جميل سميت مختلف ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪرنايل کي خطاب ڪندي سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا شبير احمد پتو ڊاڪٽر ممتاز علي بلوچ ڳالهائيندي چيو تہ محمد ٻگهيو هڪ بهترين هاري اڳواڻ هو محمد ٻگهيو ڏکين حالتن ۾ پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي وسيلا گهٽ هجڻ جي باوجود پنهنجي وس آهر ڊاڪٽر مدد علي ٻگهيو جهڙن پٽن کي اعلي مقام تي پهچايو جيڪو اڄ هر وقت پنهنجي ماروئڙن جي سارسنڀال لهڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو اهو سچو ڪريڊيٽ مرحوم محمد ٻگهيو ڏي وڃي ٿو ورسي جي موقعي تي قرآن شريف جو ختمو سان گڏ نعت خوانن جي محفل منعقد ڪئي وئي تقريب جي آخر ۾ خيرات جو بندوبست ڪيو ويو مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي.

بقايا سنڌيار 03

جنهن جي ڪري رهواسين ۾ سخت خوف هراس پکڙيل آهي سرڪاري جاري ڪيل الرٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سامونڊي طوفان ۽ برساتن جو سلسلو اڱاري کان شروع ٿي ويندو جيڪو اربع خميس جمعو ڇنڇر تائين جاري رهندو سمنڊ ۾ موجود طوفان گجرات جي ساحل سان ٽڪرائڻ جا امڪان آهن جنهن جي ڪري سنڌ ۾ ميرپور خاص ڊويزن جي عمرڪوٽ مٺي ضلعن ۾ وڏيڪ طوفاني برسات جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن جڏهن تہ بدين سجاول ٺٽو حيدرآباد جامشورو سانگهڙ نواب شاهہ مٽياري تائين برسات پڪڙجڻ جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ڪمشنر حيدرآباد سان گڏجي سنڌ جي ساحلي علائقن ٺٽو سجاول ۽ بدين جي ساحلي علائقن جو دورو ڪري حالتن جو جائزو ورتو کان پوءِ امڪاني صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ انتظاميا سان گڏجائيون ڪيون آهن ۽ ڪين امڪاني صورتحال بابت هدايتون ڏنيون آهن ٻي طرف امڪاني صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ پاڪ فوج جا جوان پڻ بدين پهچي ويا آهن ۽ ڪنهن بہ هنگامي صورتحال جي صورت ۾ انتظاميا جي مدد ڪرڻ لاءِ الرٽ آهن.

بقايا سنڌيار 04

داس . پبلڪ هيلٿ انجينيئر فيصل خاصخيلي . ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نعيم احمد ميمڻ . ٺٽي تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرز، ايڊمنسٽريٽر ميونسپل ڪميٽي فياض منگي . لائيو اسٽاڪ . پي پي ايڇ آءِ . واپڊا . اطلاعات ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي . اجلاس کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون چيو تہ صوبائي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي سنڌ جي بحالي واري کاتي پاران ڏکڻ اوڀر عربي سمنڊ ۾ طوفان جي ڪيل اڳڪٿي کي نظر ۾ رکندي ضلعي جي سمورن کاتن جي ملازمن جون موڪلون رد ڪندي اسپتالن ۾ ايمرجنسي نافذ ڪئي ويئي آهي جنهن دوران ضلعي جا سمورا عملدار هاءِ الرٽ رهڻ ۽ ڪنهن بہ امڪاني امدادي ڪاروائين جي صورت ۾ ضروري انتظامن کي پڻ يقيني بڻائين . هن پبلڪ هيلٿ کاتي ۽ لوڪل گورنمينٽ کاتي جي عملدارن کي هدايتون جاري ڪندي چيو تہ گهربل مشينري ۽ ڊسپوزل سسٽم کي فعال رکيو وڃي . هن وڌيڪ چيو تہ سڀ کان اول انسانيون جانيون بچائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن ان کانپوءِ سنڌن مال ۽ ٻين قيمتي سامان جي حفاظت لاءِ پڻ ضروري قدم کنيا وڃن . هن چيو تہ ضلعي انتظاميہ پاران طوفان ۽ تيز بارشن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪانٽيجنسي پلان تيار ڪري ورتو آهي جنهن سلسلي ۾ ڊي سي ڪامپليڪس ۾ هڪ ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيو ويو آهي جنهن جو فون نمبر 0229260790 آهي ڪنهن بہ هنگامي صورتحال يا لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ رابطو ڪري سگهجي ٿو

بقايا سنڌيار 05

ٿا پوءِ بہ بجلي کان محروم آهيون شهرين جون نيشنل پريس ڪلب آڏو ڌاهون تفصيل موجب ٻيرلوءِ شهر ۾ بجليءَ جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف شهري رستن تي نڪري آيا شهرين پاران واپڊا خلاف ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ريلي سچل پمپ کان شروع ٿي علمدار چوڪ کان ٿيندي نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ريلي ۾ شريڪ شهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ واپڊا وارن ٻيرلوءِ جي شهرين سان ناجائزيون تيز ڪري ڇڏيون آهن 16 کان 18 ڪلاڪ بجلي بند ڪئي وڃي ٿي رات جو بجلي بند رهڻ سبب اونداهي ۾ چوري جي وارداتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو تہ بجلي جي هٿرادو لوڊشيڊنگ سبب ڊرينج سسٽم تباهہ ٿي ويو آهي گندي پاڻي جي نيڪال وارين موٽرون بند هجڻ ڪري ناڻين جو گندو پاڻي روڊن رستن تي تلائن جي شڪل اختيار ڪري وڃي ٿو جنهن ڪري سخت پريشان آهيون احتجاج ڪندڙ شهرين الزام هڻندي چيو تہ ٻيرلوءِ ۾ باائر پرائيويٽ واڻن جا ٽي گروپ آهن جيڪي شريف شهرين سان ناجائزيون ڪرڻ سان گڏوگڏ جوا ۽ منشيات جي اڏن تان منٿلي اوڳاڙي ڪرڻ سميت پوليس جي ڇمڇا خوري سبب ڦورون ڌاڙا هڻندڙن جا ساٿاري ۽ ٻيرلو ۾ اچي ڪاري جا مالڪ بڻيل آهن ۽ اهڙن سماجي برائين جي سرپرستي ڪندڙ گروپ کان ٻيرلوءِ جا شريف ماڻهو ڊڄن ٿا جڏهن تہ انهن پرائيويٽ واڻن پاران ٻيرلوءِ ۾ ٽي گروپ ناهي هر مهيني ۾ غير قانوني سيپڪو عملدارن جي نالي تي رشوت جا پئسا اوڳاڙي ڪري پنهنجا پيٽ ڀريندا آهن ۽ ساڳيائي واڻا سيپڪو عملدارن سان ملي ڪري بجلي سان هٿرادو ڇيڙ ڇاڙ ڪري بند ڪرائي ٻيرلوءِ جي غريب عوام سان ظلم ڪري رهيا آهن ۽ اهي ٻيرلوءِ شهر مان بجلجا پئسا منٿلي اوڳاڙي ڪندڙ ٽي گروپ آهن ۾ تنهي گروپن کي هڪ ٻئي تي اعتماد ناهي اوڳاڙي ڪري هڪ ٻئي کي ٻڌائن ٿي ڪوڙ ٿا عوام تہ پئسا ٽائيم تي ڏيندي آهي مگر اوڳاڙي ڪندڙ پنهنجا کيسا ڀرڻ ۾ پورا آهن هنن اعلي اختيارن کان گهر ڪئي آهي تہ ٻيرلوءِ جي شهرين جي داد رسي ڪندي بجلي جي هٿرادو لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ سميت ٻيرلوءِ ۾ مقرر سيپڪو جي راشي عملدارن کي هٽايو وڃي تہ جيئن ٻيرلوءِ جي بجلي جو نظام درست ٿئي ٻئي صورت ۾ ايڪس اي اين آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا سنڌيار 06

گرفتار ڪرڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هنن چيو تہ اٽ ڏينهن اڳ 4 جون تي عبدالعزيز خواجہ جي زمين تي ڪم ڪري رهيا هئاسين تہ عمراڻي ذات جي ماڻهن ڪهاڙيون هٿي والجي ڪولهي سندس گهرواري هيري سميت روپا ۽ سڄڻ ڪولهي کي زخمي ڪري ڇڏيو هو. ٽنڊوباگو ٿاڻي تي عمراڻي ذات جي پنجن ڄڻن تي ايف آئي آر داخل ٿيل آهي پر ٽنڊوباگو پوليس جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري، جهيڙي جي زخمي متاثر فريادي والجي ڪولهي ميڊيا اڳيان روئيندي ٻڌايو تہ جوابدار ڪيس تان هٽ ڪڍڻ لاءِ مون جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن چيو تہ مون کي ڊپ آهي تہ مون کي ڪيس تان هٽ نہ ڪڍڻ تي ماري ڇڏيندا. هن گهر ڪئي تہ مون کي تحفظ فراهم ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي. رابطو ڪرڻ تي ٽنڊوباگو ٿاڻي جي

بقايا سنڌيار 07

آبادين، سمنڊ جي پاڻي جي وهڪري ۽ بچاءَ بندن جو معائنو ڪيو جڏهن تہ ڪمانڊر پاڪ نيوي، ضلعي انتظاميا، آبپاشي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن انتظامن ۽ بي سموري صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ضلعي انتظاميا ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ ساحلي پٽي ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪري ڪين رهائش، کاڌ خوراڪ ۽ ٻين سمورين گهربل سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. بعد ۾ وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو تہ عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ هن صورتحال ۾ ڪنهن کي بہ اڪيلو ۽ بي يارو مددگار هرگز نہ ڇڏيو ويندو. هڪ سوال جي جواب ۾ سنڌ جي وڏي وزير چيو تہ اهڙي طرح ڪم نہ هلندو جيڪڏهن ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏڻ کان انڪار ڪن ۽ اسان ڪين ڇڏي ڏيون. هن چيو تہ ايندڙ ٻن ڏينهن تائين سامونڊي طوفان جو خطرو آهي ۽ اسان جو فرض آهي تہ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪري ڪين هر قسم جون سهولتون فراهم ڪيون. هن وڌيڪ چيو تہ مان منت نہ پر ماڻهن کي هر حال ۾ محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهيو آهيان تہ جيئن قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ کان بچي سگهجي. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ، رليف ۽ بحالي بابت صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو، ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري، خاص مددگار صادق علي ميمڻ ۽ سيد رياض حسين شاهہ شيرازي، چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر سهيل راجپوت، ڊائريڪٽر جنرل پي ڊي ايم اي سلمان شاهہ، پاڪ نيوي جو ڪمانڊر جواد، ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو، ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو، آبپاشي، ڊرينيج، پبلڪ هيلٿ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جا عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 08

بخش پندراڻي ڳوٺ عبدالجبار شاهاڻي ڳوٺ نذر محمد ڪوکر جا سوين ڳوٺاڻا پيئڻ جي مٺي پاڻي لاءِ پريشان آهن سندن زندگي عذاب بڻجي ويئي آهي خراب پاڻي پيئڻ سبب مسڪين ڳوٺاڻا ڪيترن موزي مرضن ۾ مبتلا ٿي ويا آهن جنهن ۾ سائي گردن جي بيماري ڊبريا پيٽ جي بيماري ڪينسر ۽ ٻادي جهڙي موزي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا آهن هتان جي ڳوٺاڻن شاهد علي نور محمد ڪليم الله چاڪر خان شادي خان ۽ پانڌي خان رند الاهي بخش پندراڻي ڪانهن خان پندراڻي ڪريم شاهاڻي حنيف شاهاڻي ارشد ڪوکر اختر ڪوکر مقبول ڪوکر ٻين ڳوٺاڻن چونڊيل نمائندن سابق صدر ايم اين اي آصف علي زرداري ايم پي اي ميڊم عذرا فضل پيچوهو وزير اعلا سنڌه سيد مراد علي شاهہ ۽ ڊي سي شهيد بينظير آباد کان مطالبو ڪيو آهي تہ اسان جي ڳوٺن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ واٽر فلٽر پلانٽ منظور ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 09

ٿاڻي جي حد ۾ ڪجهہ ڏينهن اڳ نينگري مسڪان جي والد روهڙي ٿاڻي جي نينگري سان مبينا زيادتي جو ڪيس داخل ڪرايو هو جنهن تي پوليس ڪيس داخل ڪري جوابدار عقيل راجپوت کي گرفتار ڪري ورتو هو نينگري جي زيادتي واري رپورٽ لاءِ ميڊيڪل جي ڊي اين اي ٽيسٽ موڪلي وئي جيڪا رپورٽ اچڻ بعد رپورٽ ۾ چاڙهيو ويو آهي تہ نينگري سان ڪاب زيادتي ناهين ٿي هو ڪنواري آهي اهڙي رپورٽ اچڻ بعد اهو انڪشاف ٿيو آهي تہ پوليس ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو سماجي اڳواڻ حنا لاڙڪ جي چوڻ تي حنا لاڙڪ وٽ عقيل راڄ پوٽ جو پيسن جي ڏيتي ليتي جو معاملو هو هن حنا لاڙڪ کي آفيس جو فرنيچر ڏنو هو واپس گهرڻ تان هن نينگري جو ڊرامون رچايو ۽ نينگري مسڪان جي والد هن جي چوڻ تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو هو عقيل حنا سان گڏ ان سماجي تنظيم ۾ ڪم ڪندو هو عقيل جي گهرواري انهن ٻارڙن کي فري ۾ ٽيوشن ڏيندي هو ان سلسلي ۾ سماجي اڳواڻ حنا لاڙڪ ميڊيا کي موقف ڏيندي چيو آهي تہ عقيل راجپوت سان منهنجي ڪا بہ دشمني ناهين عقيل جي هڪ ڪرسي مون وٽ آهي اسسن مسڪان يوسفزئي پناهہ کي انصاف ڏيارڻ چاهيون ٿا رپوٽ کي هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويندو هن چيو تہ زيادتي جي مون کي ڄاڻ ناهين ٿي آهي يا نہ اهو خبر ناهين زيادتي جو الزام نينگري جي والد لڳايو آهيس

بقايا سنڌيار 10

ٽي ڊراموپيش ڪيو ويو جڏهن تہ سگهڻ جي ڪچهري پڻ ٿي ان موقعي تي سماجي صحافين کي بهترين ڪارگردگي جي خدمت عيوض ايوارڊ ڏنا ويا گڏاب پريس ڪلب جي صدر آدم سربلو ۽ موسا چنا کي گڏاب پريس ڪلب جي بهترين رپورٽنگ جي ۽ ڪاوشن خدمتن تي ايوارڊ سان نوازيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ سوسائٽي جي پليٽ فارم تان هر سال جيان تقريب رکي ويندي آهي جنهن جو مقصد ڪميٽي ۾ شامل ۽ سندن سٺي ڪارگردگي تي حوصلا افزائي جي ڪري ايوارڊ ڏيئي انهن جون مان مٿاهون ڪري عزت بخشي ويندي آهي تہ هو اڳتي هلي ڪري وڌيڪ سٺو ڪم ڪري سوسائٽي جي ترقي لاءِ بهترين قدم کڻن ان سان گڏ مليرجي خدمت ڪندڙ صحافين کي بہ عزت سان نوازي انهن ايوارڊ ڏيئي انهن جو حوصلو بلند ڪيو ويندو جو هو بنا ڪنهن مفاد جي عوام جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا پروگرام ڪمپيرنگ جا فرائض سرانجام ڏيندڙ ظهير احمد ميمڻ پنهنجي سريلي انداز سان مهمانن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو تاڙيون وڄائي پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

بقايا سنڌيار 11

بازار تائين ٽف ٽائيل ۽ ٻيا ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويا ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي بل پاس ڪرائي ڀڄي ويا آهن شهري اڳواڻ ۽ صدر ايوان زراعت گهوٽڪي عبدالمجيد لاکو پاران ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ 0 گهوٽڪي ٿاڻي جي ٻنيان نالو موٽ جو نالو ٻڌجي چڪو آهي جنهن ۾ روزانو ٻار عورتون ڪري زخمي ٿين ٿا ان کان علاوا شهر جي مختلف هنڌن تي ڊيڪاريل ڦوهارا نہ لڳا آهن ۽ نہ ئي لائيٽون لڳيون آهن اسٽريٽ لائيٽون ناڪاره ٿي چڪيون آهن مين چوڪ تي لڳل ڦوهارا ناڪاره ڦوٽ پاٿ رڪارڊ ۾ 3 دفعا ٺهي چڪو آ مگر سر زمين تي ڪجهہ بہ نہ آهي سجا فنڊ هڙپ ڪيا ويا آهن ڪرپشن جو اهو سلسلو گذريل 5 سالن کان هلندڙ آهي مگر ڊي سي گهوٽڪي اي سي گهوٽڪي ۽ ٽي ايم او گهوٽڪي ۽ ٻيا عملدار ڪرپشن ۾ ملوث آهن مگر سياسي پوتارن جي ٻٽ هجڻ ڪري عام ماڻهون شديد تڪليف ۾ آهن روڊن جي ليول وغيره ب سڌي ن آهي استعمال ٿيل مٽيرل ب ناڪاره آهي پنجن سالن ۾ قومي سرمايو ڪروڙين روپيا ڪرپشن ڪري لٽايو ويو آهي برسات ۽ ٻوڏ ۾ متاثر ٿيل ماڻهن جي ڪا ب مدد ن ڪئي وئي آهي صرف ڪاغذن ۾ سڀ ٺيڪ آ ڪيو ويو آ عام ماڻهون تمام گهڻو متاثر ۽ پريشان آهن مذڪوره روڊ ٽف ٽائل اڌ ۾ ڇڏيل ڪم وري ٻيهر ٽينڊر ڪرائي ٺهرائيا ويندا قومي خزانو وري لٽيو ويندو ميونسپل جا ڪليل گٽر ناليون ب تباهہ آهن ۽ ميونسپل جا پلاٽ پڻ منظور نظر ماڻهن کي ڏنا ويا آهن تنهن ڪري چيئرمين اينٽي ڪرپشن - چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي گزارش آ ت نوٽيس وٺي انڪوائري ڪري لٽيل ڪروڙين روپيا واپس ڪرائيا وڃن

بقايا سنڌيار 12

نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن تہ گذريل ڏينهن ڳوٺ ڪمال جوڻيجو مان ميٺهل جوڻيجو جون 5 ٻڪريون چور ڪاهي فرار ٿيا تہ پاڳيا سڃاڳ تي ٻيا جنهن چورن جو پيڇو ڪيو تہ چور نفيس ننگر پرسان ٻڪريون ڇڏي فرار ٿي ويا. ان ڏس ۾ ممتاز قاسماڻي، ميٺهل، عباس ۽ ٻين ٻڌايو تہ وجوٽو پوليس جي حد ۾ چوريون روز جو معمول بڻيل آهن ٻن مهينن دوران نامعلوم چور چوپائي مال سميت سولر پليٽون ۽ ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي وڃن ٿا پاڳين جي نشاندهي باوجود پوليس چورن خلاف ڪابہ ڪارروائي نہ پئي ڪري هنن ايس ايس پي

بقايا سنڌيار 13

۽ تارون ڪنجي وين، ٻنون جو عوام هن جديد دورِ زماني ۾ بجلي، سئي گيس، پيئڻ جي پاڻي، ڊرينيج ۽ ٻين سمورين بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهي. ان سلسلي ۾ ٻنون جي شهرين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن عبدالڪريم پليجو، غلام عباس پليجو پرڪاش لال، عبدالرحيم قاضي، غني جوش پليجو، سرفراز سومرو، زين العابدين سومرو، سرفراز پليجو، چيتن ڪولهي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي تہ ٻنون ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن جي بجلي 15 سالن کان بقايات جو جواز ڄاڻائي بند ڪئي وئي آهي، ٻنون جا شهري اڄ بہ سو سال اڳ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. هنن وڌيڪ چيو تہ ٻنون تاريخي شهر آهي، جنهن کي حڪومت چونڊيل نمائندن ۽ پوتارن طرفان گذريل 40 سالن کان مسلسل نظرانداز ڪيو ويو آهي. هنن مطالبو ڪيو تہ ٻنون شهر جي شهر جي بجلي بحال ڪرڻ سميت شهر جا سمورا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 14

جي ماڻهن کي لاوارث ڪري ماريو ويو تہ پوءِ زرداري مافيا خلاف روڊن رستن تي اچڻ ۽ اڻ ڪٽ جدوجهد ڪئي ويندي جيڪڏهن سنڌ جي ماڻهن کي ٽنڊٽڪو ڪري ماريو ويو تہ انهن جي قتل جون ايف آءِ آرز زرداري مافيا ۽ انهن ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن خلاف داخل ڪرايون وينديون بهتر آهي تہ حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا اڳواٽ ضروري قدم کڻي سنڌ جي مظلوم عوام کي سامونڊي طوفان بپر جواءِ جي اثراتن کان بچائي ٻي صورت ۾ سنڌن خلاف سنڌ جي روڊن ۽ رستن تي احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 15

شادي شده ڌي غلام نذيران کي صبح جو ڇٽڻ وڳي اغوا ڪري ويا آهن. هن چيو تہ بجل سولنگي لالچي قسم جو ماڻهو آهي جيڪو پئسن جي لالچ ۾ اچي ڪري منهنجي ڌي کي زبردستي طلاق ڏيارڻ ارشاد سولنگي سان شادي ڪرائڻ چاهي ٿو جيڪو اسان غريبن سان ظلم آهي. هن چيو تہ بجل سولنگي ڏوهاري قسم جو ماڻهو آهي ۽ مونکي خدشو آهي تہ هو منهنجي ڌي کي مارائي ڇڏيندو. هن چيو تہ بجل سولنگي مونکان 5 هزار وٺي آسرو ڏنو تہ توکي ڇوڪري واپس ڪرائي ڏيندس ليڪن 5 ڏينهن گذري ويا آهن اڃان تائين منهنجي ڌي واپس ناهي ٿي. هن ڊي آئي جي، ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ منهنجي ڌي کي جلد کان جلد بازياب ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ آئون پنهنجي ٻارن کي پاهہ ڏئي ساڙيندس.

بقايا سنڌيار 16

رحمت الله پنهور جو مڙهہ سرڪاري اعزاز سان سندس اباڻي ڳوٺ آندو ويو. شهيد جي جنازي نماز ۾ ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پٺاڻي ، ڊي ايس پي ستي امداد علي سولنگي ۽ ٻين رينجرز ۽ پوليس آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ شهيد کي سندس بهادري تي خراج عقيدت پيش ڪيو. پوليس جي اسپيشل فورس شهيد جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي، ۽ پوليس پريڊ تي سلامي ڏني. شهيد هيڊ ڪانسٽيبل رحمت الله پنهور 2009ع ۾ پوليس کاتي ۾ ڪانسٽيبل طور شامل ٿيو شهيد رحمت الله پنهور هڪ پٽ ۽ 04 ڌيئرن جو پيءُ هو.

بقايا سنڌيار 17

ڪيا ۽ ڪجهہ مسئلن کي موقعي تي ئي حل ڪيو علائقي جي پ پ ورڪر رضيہ بانو عباسي جي رڪيسٽ تي سيد زاهد شاهہ بخاري ٽيم سان گڏ پهتو سوين غريب عورتن کيس بينظير انڪم سپورٽ پروگرام بابت مسئلا ٻڌايا ان موقعي تي بخاري زاهد شاهہ جو چوڻ هو تہ پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ اسلام دين شيخ نعمان شيخ ۽ ارسلان شيخ جي خصوصي هدايتن تحت عوام جا مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن کي حل ڪرائڻ لاءِ پ پ ليڊيز ورڪر رضيہ بانو جي سڏ تي پهتو آهيان سوين غريب عورتن ۽ مردن جا مسئلا ٻڌا آهن جڏهن تہ ڪجهہ مسئلن کي موقعي تي ئي حل ڪيا آهن ٻين مسئلن جي حل لاءِ سکر هائوس پهچي وڃي شيخ جو اسلام دين شيخ ۽ نعمان ۽ ارسلان شيخ جيڪو جلد ئي سکر جو ميئر ٿين وارو آهي کان غريب عورتن جا مسئلا حل ڪرائيندس پاڪستان پيپلز پارٽي جا عوامي چونڊيل نمائندا ئي عوام جي خدمت ڪن ٿا سنڌ سميت ملڪ جو عوام پ پ سان گڏ آهي

بقايا سنڌيار 18

پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ سکر جي سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد راهوجا لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ دلبر لاشاري نالي هڪ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار جي قبضي مان موٽرسائيڪل ۽ هٿيار هٿ ڪيا ويا، جڏهن تہ ساٿي فرار ٿي ويا. گرفتار ڏوهاري چوري، ڦر، ڌاڙن سميت ڪيترن ئي سنگين وارداتن ۾ پوليس کي گهربل هو. اهڙي طرح ريلوي هيڊڪوارٽر اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ بين الصوبائي ڪارون چوري ڪندڙ گروهہ جو مک جوابدار غلام مرتضيٰ رند کي زخمي ٿي پيو ڪيس زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري چوري ٿيل ڪار سميت هٿيار هٿ ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ ڌاڙيل جا 3 ساٿي فرار ٿي ويا. ڪارروائي دوران 3 چوري ٿيل ڪارون هٿ ڪيون ويون. گوليمار شهر جي مختلف علائقن مان چوري ٿيل موٽرڪارون موٽرسائيڪل ڦر، چوري پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين وارداتن ۾ گهربل هو. زخمي ٿيلن کي طبي امداد ڏيڻ لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 19

ٻار جي رڙين تي پاڙي وارا پهچي ويا ، جنهن بعد وحشي شخص فرار ٿي ويو . واقعي بابت معصوم ٻار جي وارثن ٽنڊو محمد خان ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل ڪرائي آهي پر پوليس ڪا بہ ڪاروائي نہ ڪري سگهي آهي ، واقعي خلاف معصوم ٻار جي وارثن ۽ قومي ڪارڪنن گڏجي پريس ڪلب آڏو وحشي شخص خلاف احتجاج ڪيو . ان موقعي تي معصوم ٻار عرفان ملاح جي والد محمد خان ملاح ، قومي ڪارڪن ملوڪ پٽي ۽ ٻين چيو تہ وحشي جوابدار غني ملاح معصوم ٻار سان جنسي زيادتي جي ڪوشش ڪئي آهي پوليس وٽ فرياد داخل ڪرائي آهي پر ان باوجود بہ پوليس ڪا ڪاروائي نہ ڪري سگهي . هنن فوري طور وحشي شخص جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي . ٻي پاسي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان غلام نبي ڪيريو واقعي جو نوٽيس ورتو آهي ۽ سٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي وحشي شخص جي فوري گرفتاري جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا سنڌيار 20

۾ مبتلا هئي جنهن کي هفتو اڳ گردن جي تڪليف وڌي وڃڻ ڪري مٺي سول اسپتال کان ڪراچي ريفر ڪيو ويو هو جتي ڊاڪٽرن پاران ڊائلاسز ڪيو ويو جنهن بعد طبيعت ۾ سڌارو نہ آيو هن ڪراچي اسپتال دم ڏئي حوالي ڪيو. جنهن جي جنازي نماز اڄ صبح نئون ڪوٽ جي گرڊ اسٽيشن ويجهو ادا ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 21

نڪتي هئس مونکي ڪنهن بہ اغوا نہ ڪيو آهي. نہ وري مون مذهب تبديل ڪيو آهي مان ڪنهن بہ جوابدار کي سڃاڻان نہ ٿي عدالت سگهوري سهانا شرما جو بيان رڪارڊ ڪرڻ بعد ڪيس 10000 جي پي آر باند عيوض سندس والدين دليپ ڪمار جي حوالي ڪري ڇڏيو ياد رهي تہ سهانا شرما کي 2 ڏينهن اڳ پوليس رڪور ڪري عدالت ۾ 164 جو بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ پيش ڪيو هو جنهن کي عدالت ميڊيڪل ٽيسٽ ۽ عمر جو تعين ڪرڻ لاءِ سيف هائوس نوابشاهہ اماڻي ڇڏيو هو سهانا شرما جي طرفان عدالت ۾ ايڊووڪيٽ سچل مجيب، ايڊووڪيٽ پرڪاش ڪمار، ايڊووڪيٽ مرتضيٰ ابڙو، ايڊووڪيٽ امتياز چانڊيو ۽ ٻيا پيش ٿيا عدالت ۾ سهانا شرما جي والد دليپ ڪمار سان اظهار يڪجهتي لاءِ والدين، هندو پنچائت جا اڳواڻ، سماجي اڳواڻ ۽ قومي ڪارڪن عدالت پهتا جڏهن تہ سهانا شرما جي اغوا جو ڪيس قاضي احمد ٿاڻي تي 9 جوابدارن تي داخل آهي

بقايا سنڌيار 22

بقايا سنڌيار 23

ٻہ قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ سندس سائي روشن ٺاڪر جوڪو بہ پتو نہ پئجي سگهيو آهي . 15 ڏينهن اڳ اهلڪارن عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ٺاڪر کي حراست ۾ نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو آهي جنهن بعد سندن ڪو بہ ڏس پتو نہ پئجي سگهيو آهي ۽ سندن گرفتاري بہ ظاهر نہ ڪئي ويئي آهي جنهن سبب اسان کي ڪيترائي خدشا آهن تہ پوليس ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ٺاڪر کي مارائي سگهي ٿي ، هنن انساني حقن جي عالمي تنظيمن سميت اعليٰ عملدارن کان قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ٺاڪر جي بازيابي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 24

کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا، خبرموجب خانپورمهر پوليس اٽڪل 3 هفتا اڳ قتل ٿيل نوجوان مولا بخش گبول جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪري ڇڏي. ايس ايڇ او خانپورمهر اصغر علي اعوان پريس ڪانفرنس ڪرڻ دوران گرفتار 5 جوابدارن کي پڻ ميڊيا سامهون پيش ڪيو ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او خانپورمهر اصغر علي اعوان پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ نوجوان مولا بخش گبول کي قتل ڪندڙ 5 جوابدارن پيوعرف ساتول گبول، ظفر ولد امين، رياض گبول، محب گبول ۽ ظفر ولد صديق کي گرفتار ڪيو آهي. ايس ايڇ او خانپورمهر موجب قاتل نوجوان کي قتل ڪرڻ بعد فريادين سان گڏ هئا ۽ ڪفن توڙي دفن بہ ڪرايو، جوابدارن پاران نوجوان مولا بخش گبول کي اڻڀٽ تان وڏي ٽيڪنيڪل طريقي سان قتل ڪيو اسين مسلسل 26 ڏينهن کان جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪري سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿياسين، هن چيو تہ جوابدارن پاران نوجوان کي قتل ڪرڻ جو پڻ اعتراف ڪيو آهي، واضح رهي تہ اٽڪل ٽي هفتا پهرين ڳوٺ ڪمال خان گبول واسي نوجوان مولا بخش گبول کي قتل ڪرڻ بعد سندس لاش ڳوٺ ڀاهران اڇليو ويو هيو. واقعي جو ڪيس مقتول جي ڀاءُ سليم گبول جي فرياد تي 5 اڻ سڃاتل جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو هيو.

بقايا سنڌيار 25

ميمڻ شگر جي مرض ۾ مبتلا رهڻ بعد ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو جيڪو گذريل رات دم ڏئي حوالي ڪيو مرحوم جي مڙهہ کي اباڻي شهر سجاول آندو ويو، ڪيس جنازي نماز ۾ وڏي تعداد ۾ سياسي سماجي اڳواڻن پ پ ضلع سجاول جو صدر ايم پي اي رئيس محمد علي ملڪاڻي، ڊپٽي اسپيڪر سنڌ ريحانہ لغاري، پ پ پ ايم پي اي هيرسوهو، منظور رحيم پليجو ضلع چيئرمين رئيس دانش خان ملڪاڻي، ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، نجيب سرويچ، حاجي محسن سنڌي، محمد موسيٰ لغاري، عبدالغني راهيمون، ڊاڪٽر عثمان سرويچ، غلام مصطفيٰ لغاري، شفيع لغاري، جسقم چيئرمين اسلم خيرپوري، شيرزمان سهتو، حاجي اسلم ميمڻ، نياز ميمڻ سميت صحافين سورج سجاولي پريس ڪلب جو صدر محمد اسماعيل سرويچ، ملڪ صديق ملاح، امتياز ميمڻ ، وجاهد شاهہ ۽ شهرين شرڪت ڪئي، مرحوم کي اباڻي قبرستان سائين اسماعيل شاهہ بخاري عرف جلالي بابا ۾ مٽيءَ ماءِ حوالي ڪيو ويو جڏهن تہ پونئيرن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي.

بقايا سنڌيار 26

عجب ڪوکر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري آبپاشي جي ايس ڊي او خلاف سخت نعري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي آبادگارن چيو تہ شاهہ حسين مائنير مان نڪرندڙ AR 3 واٽر ڪورس جو پاڻي ايس ڊي او آبپاشي با اثر زميندار کي غير قانوني هٿ ٺوڪيا باوجود پئسن عيوض وڪرو ڪرڻ چاهي ٿو جڏهن تہ بااثر زميندار جو هن واٽر تي هڪ منٽ پاڻي ناهي مذڪوره زميندار جو پاڻي 86 نصرت گوجرو تي آهي اسانجي حصي جو پاڻي بااثرن کي ڏنو ويو تہ اسانجون زرخيز زمينون غيرآباد ٿي وينديون ايس ڊي او بااثر زميندار سان گڏجي اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جو ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ غير قانوني طور تي بااثر کي پاڻي فراهم ڪندڙ ايس ڊي او خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 27

سنڌ پنجاب کان ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهہ نارا ڊسٽري سميت مختلف شاخن جي آبادگارن پاڻي جي اڻهوند خلاف انڊس هاءِ وي باءِ پاس وٽ نڪتهن اس ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين احتجاجي ڌرڻو هڻي ڇڏيو جنهن سبب سنڌ پنجاب کان ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، ان موقعي تي ڌرڻي جي اڳواڻي ڪندڙ فاروق گاڏهي، راجا ۽ ٻين آبادگارن جو چوڻ هيو تہ نارا ڊسٽري سميت ڪڏڻ ۽ خدا واهہ ۾ پاڻي نہ هجڻ سبب واري اڏامي رهي آهي جنهن ڪري خريف جي پوکائي نہ ٿي سگهي آهي آبپاشي عملدارن جي آفيسن جا چڪر ڪٽي ڪٽي ٿڪجي پيا آهيون پر ڪو بہ آفيسر ملڻ جي لاءِ اسان سان تيار نہ آهي اسان سان ناانصافي جي انتها ڪري ڇڏي اٿن پوکائي نہ ٿيڻ ڪري هن مهانگائي دور ۾ اسان کان جيئڻ جو حق کسيو ويو آهي پاڻي جي رسائي ممڪن بڻائي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 28

۽ ٻين جو چوڻ هو تہ آغا قادرداد زرعي مارڪيٽ جي پوليس چوڪي انچارج ست جون تي ڪائين جي مڏي تان پورهيت دلبر پٽ پيرل لاشاري کي گرفتار ڪيو هو روهڙي ٿاڻي جي پوليس پورهيت جي آزادي لاءِ رشوت گهري هئي رشوت نہ ڏيڻ تان گزريل رات سکر پوليس پورهيت دلبر لاشاري کي ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ زخمي ڪري گرفتار ڪيو آهي مظاهرين آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين اختيارن کان ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ زخمي ڪري گرفتار ڪيل پورهيت دلبر لاشاري خلاف داخل ڪيس ختم ڪرائي پورهيت کي آزاد ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 29

ايجوڪيشنل جي رانديگرن شاندار راند جو مظاهرو ڪندي پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئشن جي ٽيم کي شڪست ڏيئي ڪاميابي پنهنجي نالي ڪري ورتي . سنسني خيز ميچ ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ صديق سمون کي مين آف دي ميچ قرار ڏنو ويو . جڏهن تہ ڊاڪٽر شاهنواز کي بيسٽ بالر ۽ ڊاڪٽر رضوان کي آل رائونڊر جي سٺي پرفارمنس تي انعام ڏنا ويا . ميچ ۾ پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئشن جي نمائندگي ڊاڪٽر محمد رفيق وگهيو . ڊاڪٽر محمد علي ميمڻ ڪئي . جڏهن تہ فرينڊس ايجوڪيشنل جي نمائندگي عقيل

بقايا سنڌيار 30

حسن جوکهيو. ميرنادر علي ابڙو - ظهير احمد ميمڻ. عالم شير اعوان. سيد محبوب علي شاهہ . هيومين رائيٽس سنڌ نوابزاده امير لاڙڪ . ۽ ٻين شرڪت ڪئي حلف برادري تقريب ۾ گڏاب پريس ڪلب جي باڊي کان سياسي سماجي شخصيت ڊاڪٽر غلام محمد بروهي حلف ڪنابي ورتو ويو ان موقعي تي آيل مهمانن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ گڏاب پريس ڪلب واحد ادارو آهي جنهن مليرجي علائقي جو آواز پنهنجي قلم جي طاقت سان اعلي ايوانن تائين پهچائن ٿا مهمانن وڌيڪ چيو تہ اڄ اسان کي بيحد خوشي ٿي آهي تہ گڏاب پريس ڪلب جي حلف برادري تقريب هڪ اهڙي تعليمي اداري ۾ ٿي آهي جنهن جو سهرو ڪريڊيٽ پاڪستان زنده آباد بيسڪ آرگنائيزيشن ڏانهن وڃي ٿو آخر ۾ آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪن اوڍايون ويون

بقايا سنڌيار 31

انڙ طارق انڙ جيڪي چورڦورو آهن هنن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آ اڳ ۾ بہ اسان کان گاڏي ڦر ڪئي ان جو فيصلو اقبال راهوجو وٽ ڪالا ٿيو ان ڏرهي ٿيا فيصلو نہ مڃيو وري اڄ صبح نيو جتوئي ريلوي ڦاٽڪ وٽان سري عام محبوب انڙ کان هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل ڦري ويا جنهن جي اين سي ملياڻي ٿاڻي تي داخل ڪرائي اسان واپس وڃي رهيا هياسين تہ ساڳين ڦورن اعجاز طارق ۽ ربنواز حملو ڪري اعجاز کي زخمي ڪيو ان جي بہ اين سي اسان ابڙان ٿاڻي تي داخل ڪرائي ۾ پوليس انهن چورن لوفرن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي اسان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کي اپيل ڪريون ٿا ڪريون تہ فورن انهن ڦورن کي گرفتار ڪري اسان مسڪينن سان انصاف ڪيو وڃي اسان کير وڪڻي گهر جي چلہ بارينداآهيون جي ترت قدم نہ کنيو تہ اسان کي نقصان پهچائيندا ان جي ذميوار پوليس هوندي

بقايا سنڌيار 32

نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي مظاهرين محمد حسن رند ابراهيم احسان سمون احمد سمون مير محمد پنهور، پيرو جماري چيو تہ نصير واهہ مان نڪرندڙ واٽر ڪورس کي بااثر زميندارن ايريگيشن جي آفيسرن سان ملي ٻگڻ ڪري واٽر کي ناجائز ڌڪا ڇاپون ڏئي پاڻي بوڄڙي جي آبادگارن جي حصي جو پاڻي چوري ڪري رهيا آهن جنهن ڪري اسان جا لکين روپين جا فصل سڪي رهيا آهن. هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ غيرقانوني ڌڪا ٽوڙي بوڄڙيءِ جي آبادگارن تائين پاڻي جي رسائي يقيني بڻائي وڃي ۽ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 33

جنرل سيڪريٽري: مسافر پتافي جوائنٽ سيڪريٽري: وسيم سومرو خزانچي : زاهد پتو ۽ پريس سيڪريٽري گلزار شر کي چونڊيو ويو ان موقعي تي چونڊيل عهديدارن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ گهوٽڪي ۾ وڏي تعداد ۾ سنا اداڪار گلوڪار اديب موجود آهن ان ڪري سنڌ سرڪار کي گهرجي تہ گهوٽڪي ۾ آرٽس ڪائونسل جي منظوري ڏئي جيئن گهوٽڪي ۾ سنا سنا اسٽيج ڊراما ۽ ٻيا پروگرام ڪرائي سگهجن اڳواڻن جو اهو بہ چوڻ هو تہ ضلع گهوٽڪي ۾ گهوٽڪي آرٽس ڪائونسل جي جدوجهد کي تيز ڪيو ويندو سنڌ جا مشهور ڊراما آرٽسٽ نتڪار اديب دانشور اسان سان گڏ آهن جلد گهوٽڪي ۾ آرٽس ڪائونسل کي سنڌ سرڪار کان منظور ڪرائي هتان جي عوام کي تفريحي مهيا ڪنداسين

بقايا سنڌيار 34

اڳيان وينوهوس سائين ڪبير شاهہ جي ماڻهن پناه ڪنهن ڏره اچي سان تي حملو ڪيو لٺيون هٿي اسان جي ٽن ماڻهن کي زخمي ڪري ڇڏيو، ۽ اسان جي دڪانن جا ڇاپا ٽوڙي ڇڏيا. ظلم بہ اسان سان ٿيو ۽ ايف آئي آر بہ اسان جي 12 ماڻهن تي داخل ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ پوليس اسان جو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. پوليس اسان جي ماڻهن تي رڻ ٻاري ڇڏيو آهي ڪاروبار بہ نٿا ڪري سگهون. اسان فيصلي جي لاءِ جرڳن ملن کي پڻ چيو آهي پراهي فيصلي ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. هنن ب ب ايم بي اي سيد اياز علي شاهہ شيرازي ۽ ايس بي سجاول کي اپيل ڪئي آهي تہ اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 35

ڪوشش کان پوءِ هر طبقي جي گرلس لاءِ فري آف ڪاسٽ انگلش اسپيڪنگ جا ڪلاس شروع ڪيا ويا آهن جنهن ۾ استاد امتياز علي ملاح ۽ بخت ڪنير ٻين استادن شاگردن کي بهتر طريقي سان تياري ڪرائي رهيا آهن دادو سسٽرس لائبريري جي چيئرپرسن ۽ ايڊووڪيٽ شمائلا اختر عباسي جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ آئون نہ ٿي چاهيان تہ ڪابہ ڇوڪري وسيلن جي گهٽائي سبب جي ڪري پوئتي رهي ڇو جو اسان جي معاشري ۾ ڇوڪرين جي پڙهائي تي توجہ نہ ٿو ڏنو وڃي انهي جي ڪري آئون چاهيان ٿي تہ دادو ۽ دادو جي آسپاس جي علائقن جون ڇوڪريون هن موقعي مان ڀرپور فائدو وٺن آئون گروئنگ اسٽارس لينگويج سينٽر دادو جي پرنسپال امتياز علي ملاح ۽ بخت ڪنير جي شڪر گذار آهيان جن هن خير جي ڪم ۾ پنهنجو قيمتي ٽائيم ڏنو آهي.

بقايا سنڌيار 36

ڪئي تقريب جي صدارت ناليواري سماج سڌارڪ اقبال حسين چنا ڪئي جڏهن مهماني خاص ملڪي گروپ جي نائب صدر ممتاز علي بلوچ شبير احمد پتو مير خان بنگلاڻي اعجازي ڪتياڻ فقير ارشاد پروفيسر تاج الدين ٻرڙو سومرو سنڌ ويلفيئر فائونڊيشن جي چيئرمين سماجي اڳواڻ خالد ٻگهيو نور پائي ارفان پائي مجيب ٻگهيو غوث ٻگهيو ڊاڪٽر جميل سميت مختلف ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪرنايل کي خطاب ڪندي سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا شبير احمد پتو ڊاڪٽر ممتاز علي بلوچ ڳالهائيندي چيو تہ محمد ٻگهيو هڪ بهترين هاري اڳواڻ هو محمد ٻگهيو ڏکين حالتن ۾ پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي وسيلا گهٽ هجڻ جي باوجود پنهنجي وس آهر ڊاڪٽر مدد علي ٻگهيو جهڙن پٽن کي اعلي مقام تي پهچايو جيڪو اڄ هر وقت پنهنجي ماروئڙن جي سارسنڀال لهڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو اهو سچو ڪريڊيٽ مرحوم محمد ٻگهيو ڏي وڃي ٿو ورسي جي موقعي تي قرآن شريف جو ختمو سان گڏ نعت خوانن جي محفل منعقد ڪئي وئي تقريب جي آخر ۾ خيرات جو بندوبست ڪيو ويو مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي.

بقايا سنڌيار 37

داس . پبلڪ هيلٿ انجينيئر فيصل خاصخيلي . ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نعيم احمد ميمڻ . ٺٽي تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرز، ايڊمنسٽريٽر ميونسپل ڪميٽي فياض منگي . لائيو اسٽاڪ . پي پي ايڇ آءِ . واپڊا . اطلاعات ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي . اجلاس کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون چيو تہ صوبائي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي سنڌ جي بحالي واري کاتي پاران ڏکڻ اوڀر عربي سمنڊ ۾ طوفان جي ڪيل اڳڪٿي کي نظر ۾ رکندي ضلعي جي سمورن کاتن جي ملازمن جون موڪلون رد ڪندي اسپتالن ۾ ايمرجنسي نافذ ڪئي ويئي آهي جنهن دوران ضلعي جا سمورا عملدار هاءِ الرٽ رهڻ ۽ ڪنهن بہ امڪاني امدادي ڪاروائين جي صورت ۾ ضروري انتظامن کي پڻ يقيني بڻائين . هن پبلڪ هيلٿ کاتي ۽ لوڪل گورنمينٽ کاتي جي عملدارن کي هدايتون جاري ڪندي چيو تہ گهربل مشينري ۽ ڊسپوزل سسٽم کي فعال رکيو وڃي . هن وڌيڪ چيو تہ سڀ کان اول انسانيون جانيون بچائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا

بقايا سنڌيار 38

ٿا پوءِ بہ بجلي کان محروم آهيون شهرين جون نيشنل پريس ڪلب آڏو ڌاهون تفصيل موجب ٻيرلوءِ شهر ۾ بجليءَ جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف شهري رستن تي نڪري آيا شهرين پاران واپڊا خلاف ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ريلي سچل پمپ کان شروع ٿي علمدار چوڪ کان ٿيندي نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ريلي ۾ شريڪ شهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ واپڊا وارن ٻيرلوءِ جي شهرين سان ناجائزيون تيز ڪري ڇڏيون آهن 16 کان 18 ڪلاڪ بجلي بند ڪئي وڃي ٿي رات جو بجلي بند رهڻ سبب اونداهي ۾ چوري جي وارداتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو تہ بجلي جي هٿرادو لوڊشيڊنگ سبب ڊرينج سسٽم تباهہ ٿي ويو آهي گندي پاڻي جي نيڪال وارين موٽرون بند هجڻ ڪري ناڻين جو گندو پاڻي روڊن رستن تي تلائن جي شڪل اختيار ڪري وڃي ٿو جنهن ڪري سخت پريشان آهيون احتجاج ڪندڙ شهرين الزام هڻندي چيو تہ ٻيرلوءِ ۾ باائر پرائيويٽ واڻن جا ٽي گروپ آهن جيڪي شريف شهرين سان ناجائزيون ڪرڻ سان گڏوگڏ جوا ۽ منشيات جي اڏن تان منٿلي اوڳاڙي ڪرڻ سميت پوليس جي ڇمڇا خوري سبب ڦورون ڌاڙا هڻندڙن جا ساٿاري ۽ ٻيرلو ۾ اچي ڪاري جا مالڪ بڻيل آهن ۽ اهڙن سماجي برائين جي سرپرستي ڪندڙ گروپ کان ٻيرلوءِ جا شريف ماڻهو ڊڄن ٿا جڏهن تہ انهن پرائيويٽ واڻن پاران ٻيرلوءِ ۾ ٽي گروپ ناهي هر مهيني ۾ غير قانوني سيپڪو عملدارن جي نالي تي رشوت جا پئسا اوڳاڙي ڪري پنهنجا پيٽ ڀريندا آهن ۽ ساڳيائي واڻا سيپڪو عملدارن سان ملي ڪري بجلي سان هٿرادو ڇيڙ ڇاڙ ڪري بند ڪرائي ٻيرلوءِ جي غريب عوام سان ظلم ڪري رهيا آهن ۽ اهي ٻيرلوءِ شهر مان بجلجا پئسا منٿلي اوڳاڙي ڪندڙ ٽي گروپ آهن ۾ تنهي گروپن کي هڪ ٻئي تي اعتماد ناهي اوڳاڙي ڪري هڪ ٻئي کي ٻڌائن ٿي ڪوڙ ٿا عوام تہ پئسا ٽائيم تي ڏيندي آهي مگر اوڳاڙي ڪندڙ پنهنجا کيسا ڀرڻ ۾ پورا آهن هنن اعلي اختيارن کان گهر ڪئي آهي تہ ٻيرلوءِ جي شهرين جي داد رسي ڪندي بجلي جي هٿرادو لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ سميت ٻيرلوءِ ۾ مقرر سيپڪو جي راشي عملدارن کي هٽايو وڃي تہ جيئن ٻيرلوءِ جي بجلي جو نظام درست ٿئي ٻئي صورت ۾ ايڪس اي اين آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا سنڌيار 39

گرفتار ڪرڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هنن چيو تہ اٽ ڏينهن اڳ 4 جون تي عبدالعزيز خواجہ جي زمين تي ڪم ڪري رهيا هئاسين تہ عمراڻي ذات جي ماڻهن ڪهاڙيون هٿي والجي ڪولهي سندس گهرواري هيري سميت روپا ۽ سڄڻ ڪولهي کي زخمي ڪري ڇڏيو هو. ٽنڊوباگو ٿاڻي تي عمراڻي ذات جي پنجن ڄڻن تي ايف آئي آر داخل ٿيل آهي پر ٽنڊوباگو پوليس جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري، جهيڙي جي زخمي متاثر فريادي والجي ڪولهي ميڊيا اڳيان روئيندي ٻڌايو تہ جوابدار ڪيس تان هٽ ڪڍڻ لاءِ مون جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هن چيو تہ مون کي ڊپ آهي تہ مون کي ڪيس تان هٽ نہ ڪڍڻ تي ماري ڇڏيندا. هن گهر ڪئي تہ مون کي تحفظ فراهم ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي. رابطو ڪرڻ تي ٽنڊوباگو ٿاڻي جي ايس ايڇ او انور لغاري ٻڌايو تہ جوابدار روپوش ٿي ويا آهن پوليس انهن کي ڳولهي رهي آهي جلد ڪين گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 40

آبادين، سمنڊ جي پاڻي جي وهڪري ۽ بچاءَ بندن جو معائنو ڪيو جڏهن تہ ڪمانڊر پاڪ نيوي، ضلعي انتظاميا، آبپاشي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن انتظامن ۽ بي سموري صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ضلعي انتظاميا ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ ساحلي پٽي ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪري ڪين رهائش، کاڌ خوراڪ ۽ ٻين سمورين گهربل سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. بعد ۾ وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو تہ عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ هن صورتحال ۾ ڪنهن کي بہ اڪيلو ۽ بي يارو مددگار هرگز نہ ڇڏيو ويندو. هڪ سوال جي جواب ۾ سنڌ جي وڏي وزير چيو تہ اهڙي طرح ڪم نہ هلندو جيڪڏهن ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏڻ کان انڪار ڪن ۽ اسان ڪين ڇڏي ڏيون. هن چيو تہ ايندڙ ٻن ڏينهن تائين سامونڊي طوفان جو خطرو آهي ۽ اسان جو فرض آهي تہ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪري ڪين هر قسم جون سهولتون فراهم ڪيون. هن وڌيڪ چيو تہ مان منت نہ پر ماڻهن کي هر حال ۾ محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهيو آهيان تہ جيئن قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ کان بچي سگهجي. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ، رليف ۽ بحالي بابت صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو، ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري، خاص مددگار صادق علي ميمڻ ۽ سيد رياض حسين شاهہ شيرازي، چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر سهيل راجپوت، ڊائريڪٽر جنرل پي ڊي ايم اي سلمان شاهہ، پاڪ نيوي جو ڪمانڊر جواد، ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو.

بقايا سنڌيار 41

ٿاڻي جي حد ۾ ڪجهہ ڏينهن اڳ نينگري مسڪان جي والد روهڙي ٿاڻي جي نينگري سان مبينا زيادتي جو ڪيس داخل ڪرايو هو جنهن تي پوليس ڪيس داخل ڪري جوابدار عقيل راجپوت کي گرفتار ڪري ورتو هو نينگري جي زيادتي واري رپورٽ لاءِ ميڊيڪل جي ڊي اين اي ٽيسٽ موڪلي وئي جيڪا رپورٽ اچڻ بعد رپورٽ ۾ چاڙهيو ويو آهي تہ نينگري سان ڪاب زيادتي ناهين ٿي هو ڪنواري آهي اهڙي رپورٽ اچڻ بعد اهو انڪشاف ٿيو آهي تہ پوليس ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو سماجي اڳواڻ حنا لاڙڪ جي چوڻ تي حنا لاڙڪ وٽ عقيل راڄ پوٽ جو پيسن جي ڏيتي ليتي جو معاملو هو هن حنا لاڙڪ کي آفيس جو فرنيچر ڏنو هو واپس گهرڻ تان هن نينگري جو ڊرامون رچايو ۽ نينگري مسڪان جي والد هن جي چوڻ تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو هو عقيل حنا سان گڏ ان سماجي تنظيم ۾ ڪم ڪندو هو عقيل جي گهرواري انهن ٻارڙن کي فري ۾ ٽيوشن ڏيندي هو ان سلسلي ۾ سماجي اڳواڻ حنا لاڙڪ ميڊيا کي موقف ڏيندي چيو آهي تہ عقيل راجپوت سان منهنجي ڪا بہ دشمني ناهين عقيل جي هڪ ڪرسي مون وٽ آهي اسسن مسڪان يوسفزئي پناهہ کي انصاف ڏيارڻ چاهيون ٿا رپوٽ کي هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويندو هن چيو تہ زيادتي جي مون کي ڄاڻ ناهين ٿي آهي يا نہ اهو خبر ناهين زيادتي جو الزام نينگري جي والد لڳايو آهيس

بقايا سنڌيار 42

بازار تائين ٽف ٽائيل ۽ ٻيا ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويا ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي بل پاس ڪرائي ڀڄي ويا آهن شهري اڳواڻ ۽ صدر ايوان زراعت گهوٽڪي عبدالمجيد لاکو پاران ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ 0 گهوٽڪي ٿاڻي جي ٻنيان نالو موٽ جو نالو ٻڌجي چڪو آهي جنهن ۾ روزانو ٻار عورتون ڪري زخمي ٿين ٿا ان کان علاوا شهر جي مختلف هنڌن تي ڊيڪاريل ڦوهارا نہ لڳا آهن ۽ نہ ئي لائيٽون لڳيون آهن اسٽريٽ لائيٽون ناڪاره ٿي چڪيون آهن مين چوڪ تي لڳل ڦوهارا ناڪاره ڦوٽ پاٿ رڪارڊ ۾ 3 دفعا ٺهي چڪو آ مگر سر زمين تي ڪجهہ بہ نہ آهي سجا فنڊ هڙپ ڪيا ويا آهن ڪرپشن جو اهو سلسلو گذريل 5 سالن کان هلندڙ آهي مگر ڊي سي گهوٽڪي اي سي گهوٽڪي ۽ ٽي ايم او گهوٽڪي ۽ ٻيا عملدار ڪرپشن ۾ ملوث آهن مگر سياسي پوتارن جي ٻٽ هجڻ ڪري عام

بقايا سنڌيار 43

بازار تائين ٽف ٽائيل ۽ ٻيا ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويا ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي بل پاس ڪرائي ڀڄي ويا آهن شهري اڳواڻ ۽ صدر ايوان زراعت گهوٽڪي عبدالمجيد لاکو پاران ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ 0 گهوٽڪي ٿاڻي جي ٻنيان نالو موٽ جو نالو ٻڌجي چڪو آهي جنهن ۾ روزانو ٻار عورتون ڪري زخمي ٿين ٿا ان کان علاوا شهر جي مختلف هنڌن تي ڊيڪاريل ڦوهارا نہ لڳا آهن ۽ نہ ئي لائيٽون لڳيون آهن اسٽريٽ لائيٽون ناڪاره ٿي چڪيون آهن مين چوڪ تي لڳل ڦوهارا ناڪاره ڦوٽ پاٿ رڪارڊ ۾ 3 دفعا ٺهي چڪو آ مگر سر زمين تي ڪجهہ بہ نہ آهي سجا فنڊ هڙپ ڪيا ويا آهن ڪرپشن جو اهو سلسلو گذريل 5 سالن کان هلندڙ آهي مگر ڊي سي گهوٽڪي اي سي گهوٽڪي ۽ ٽي ايم او گهوٽڪي ۽ ٻيا عملدار ڪرپشن ۾ ملوث آهن مگر سياسي پوتارن جي ٻٽ هجڻ ڪري عام ماڻهون شديد تڪليف ۾ آهن روڊن جي ليول وغيره ب سڌي ن آهي استعمال ٿيل مٽيرل ب ناڪاره آهي پنجن سالن ۾ قومي سرمايو ڪروڙين روپيا ڪرپشن ڪري لٽايو ويو آهي برسات ۽ ٻوڏ ۾ متاثر ٿيل ماڻهن جي ڪا ب مدد ن ڪئي وئي آهي صرف ڪاغذن ۾ سڀ ٺيڪ آ ڪيو ويو آ عام ماڻهون تمام گهڻو متاثر ۽ پريشان آهن مذڪوره روڊ ٽف ٽائل اڌ ۾ ڇڏيل ڪم وري ٻيهر ٽينڊر ڪرائي ٺهرائيا ويندا قومي خزانو وري لٽيو ويندو ميونسپل جا ڪليل گٽر ناليون ب تباهہ آهن ۽ ميونسپل جا پلاٽ پڻ منظور نظر ماڻهن کي ڏنا ويا آهن تنهن ڪري چيئرمين اينٽي ڪرپشن - چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي گزارش آ ت نوٽيس وٺي انڪوائري ڪري لٽيل ڪروڙين روپيا واپس ڪرائيا وڃن

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي
ايڊيٽر اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر بہ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت بہ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com